068
Ash
0-61

ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ سنڌس پر
جا ساهتيڪار ۽ گيتڪار

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي

ليکڪ : ڊاڪٽر ديال آشا

A-3 (68)

ساڌو ٽي ايل واسواڻي

۽

سنڌس پرميرا جا
گيتڪار - ساهتيڪار

مصنف
ڊاڪٽر ديال کوٽومل ڏاميجا ”آشا“
سوامي شانتي پرڪاش نواس،
الهاسنگر - ۴۲۱۰۰۵

ملهہ : ۱۰۰ روپيا ۲ آگسٽ ۲۰۱۶ع

پرڪاشڪ :
ڪشنچند ٽيڪمداس آهوجا
بلاڪ ۴۹-سي، الهاسنگر- ۴۲۱۰۰۴

English School UNR
Reference Book
LIBRARY
15 MAR 2017

مهمان وپيو تـي ساڌو ٽي - ايل واسواڻي

پيارو دادا ساڌو واسواڻي هو گرونانڪ جيان صورت نماڻي جنهنجي مڌر آنند دائڪ ٻاڻي، پيئاريو جنهن سين کي پنهنجي پيار جو پاڻي، سندس تخلص نوري نماڻي، ڀڳتياڻي ميران جيان ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ سندس دلڙي ويڳاڻي، روحاني راحت جنهن ماڻي، دکين دريدرن، مسڪينن محتاجن سان سدائين هو ساڻي پريرنا جو سرچشمو سندس جيون ڪهاڻي، جنهنجو روحاني وارث دادا جشن واسواڻي. دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي جو جنم ٢٥ نومبر ١٨٧٩ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري ليلارام واسواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن جنم جو نالو ٿانورداس هو. سندن پتا شري ليلارام ديوي ماتا جو اُپاسڪ هو ته ماتا وران ٻائي شري گرونانڪ جي ڀڳتياڻي هئي. هوءَ نت نيم پريات جو شري جپ صاحب ۽ شري سکمني صاحب جو پاٺ ڪندي هئي. گهر جي ڀڳتيميه واتاورڻ ۾ ٻالڪ دادا جي پالنا ٿي. سنڌ جو مهان سماج سڌارڪ ۽ نشڪام شيوڪ آدرشي اڌياپڪ ساڌو هيرانند ٻالڪ دادا کي اسڪول ۾ اُستاد روپ نصيب ٿيو جنهنجي اعليٰ آدرشن جو دادا جي وديارٿي جيون تي وڏو پرڀاءُ پيو. دکين دريدرن اناٿن اپاهجن جي شيوا جا ٻج سندس وديارٿي جيون ۾ ئي ڇٽيا ويا جي اڳتي هلي سندر سلا ٿيا، سلن مان ٻوٽا ۽ ٻوٽن مان وڏا ورکش ٿيا، جن جي ڦلن ڦولن ۽ سيتل ڇايا هزارن لوڪن کي فيض رسايو. دادا ننڍي هوندي پنهنجي خرچيءَ مان پئسا بچائي اپاهجن کي ڏيندو هو، اسڪول ۾ پڙهندڙ غريب وديارٿين کي ٽول وٺي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي نيرڻ اسڪول ۾ کڻي ويندو هو ته رستي تي ڪو بکايل يا ڪو فقير ڏسي اُن کي پنهنجي نيرڻ کارائي ڇڏيندو هو.

پيارو دادا پنهنجي قابليت، هوشياري ۽ وڏڙن جي آسيس سان سنڌ ۾ مئٽرڪ امتحان ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس ميڪيولڊ اسڪالرشپ

فهرست

صفحو

١) دادا ساڌو ٽي. ايل واسواڻي	٣
٢) دادا جشن واسواڻي	٥٨
٣) دادي هري ديوي واسواڻي	٨١
٤) دادي شانتي واسواڻي	٨٩
٥) دادي ستي ٽڏاڻي	٩٤

D.T.P. by : Ajitkumar M. Achhra
Shree Geeta Printing Press,
Shop No. 493, Opp. Hotel Eagle, Ulhasnagar - 421003.
Cell : 9890007874 - 9320007874

Cover Design & Printed by
Anand Ram Lalchandani
M : 9820883807 E : anandrl1975@gmail.com

پرمارٿ ۾ ارپڻ ڪيائين. دادا وديارٿين کي سچي وديا ڏيڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ميران اسڪول برپا ڪيو. ميران وديا هلچل هزارن وديارٿين جي جيون کي نئون موڙ ڏنو. ميران وديا جا آدرش هئا پوترتا، پرارٿنا سادگي ۽ شيوا. سوامي وويڪانند وانگر دادا واسواڻيءَ کي بہ برلن ۾ ٿيندڙ وشوَ ڌرم سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت آئي. دادا اُن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. اُتي دادا جن ڌرم جي سچي وياکيا ڪندي ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جو سنديش سڻايو. اُتان جا لوڪ سندس وياکيان ٻڌي، منتر مگڌ ٿي ويا. دادا جن وديش جي جدا جدا شهرن ۾ پنهنجي گيان گريت وياکيانن دوران لوڪن کي ڪافي پرڀاوت ڪيو.

پوڄيہ ساڌو واسواڻيءَ جنتا ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ نيوٽائيمس اخبار جو سمپادن ڪيو. لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ اُپاسنا ڪلاس کوليو. سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي هزارن لوڪن کي پريوءَ جي راهہ ۾ چڪيو، ڪين ست مارگ ٻتايو. پيارو دادا مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن کان بہ ڏاڍو پرڀاوت ٿيو. ٻئي مهان وڀوتيون راشٽر ڀڳت بہ هئا، تہ ايشور ڀڳت بہ، گيتا پريمي هئا، ٻئي مهاپرش تياڳ ۽ ديا جون مورتون هئا. مهاتما گانڌيءَ کي دادا جا ليک ڏاڍا پسند پوندا هئا. هن جڏهن ينگ انڊيا اخبار شايع ڪئي تہ ان اخبار جي پهرين انڪ جي پهرين صفحي تي پياري دادا واسواڻيءَ جو ليک پرڪاشت ڪيائين. پياري دادا آزاديءَ جي هلچل ۾ بہ سڪريہ ڀاڱ ورتو، نہ صرف پاڻ پر پنهنجي پريمين سهت وديشي وستن جو بهشڪار ڪيو ۽ سوديشي شين جي واپرائڻ جو پيغام ڏنو. دادا جن پنهنجي وياکيانن ذريعي بہ جنتا ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڦوڪيندا هئا. سنہ ١٩١٧ع کان خود دادا جن پاڻ کاڏيءَ جي پوشاڪ پهرڻ شروع ڪئي. پياري دادا جيو ديا جي جوت جڳائي، هزارن لوڪن کي ويشنو بڻايو، هزارن ٻڪرين ٻڪرن کي ڪوس گهرن کان بچايو. انڪري دادا جو جنمدن ٢٥ نومبر هر سال ساري وشوَ ۾ ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو وڃي ٿو، پياري دادا پڪاريو !

جيو ديا جي جوت جڳايو،

هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو،

عطا ڪيو. دادا ڪاليجي تعليم حاصل ڪندي ڀڳوت گيتا، رامايڻ، گروگرنٿ صاحب ۽ ٻين ڌارمڪ شاسترن، سنت ستپرکن جي واڻيءَ جو اڀياس ڪيو. سندس جيون ۾ سادگي، سچائي سنيهه سهانيوتي سيوا ۽ ديا جا گڻ چمڪيا.

هي صاحب بي. اي. جي انگريزي وشيه ۾ بمبئي يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر آيو. انڪري کيس بمبئي يونيورسٽي طرفان ايلس اسڪالرشپ عطا ٿي. سنڌي جاتيءَ لاءِ اها فخر جي ڳالهه هئي. هن ڪراچي ڪاليج ۾ پاڙهيندي پنهنجو اڀياس جاري رکيو، ٻن سالن بعد ايم-اي پاس ڪئي. ڪراچيءَ ۾ رهندي پيارو دادا برهمو سماج جي سمپرڪ ۾ آيو. برهمو سماج وارا دادا کي وياکيان ڏيڻ لاءِ وقت به وقت نينڊ ڏيندا هئا. سندس وياکيان ۾ عجيب تاثير هوندو هو. برهمو سماج سان سنٻنڌ هئڻ سبب پياري دادا کي ڪلڪتي جي وديا ساگر ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو. دادا پنهنجي آدرشي رهڻي ڪهڻيءَ دواران نه صرف ڪاليج جي وديارٿين ۽ پرفيسرن کي پرڀاوت ڪيو پر لوڪن ۾ به پريه ٿيا. پياري دادا کي وڏن عهدن جي پياس ڪين هئي پر کيس پياس هئي پريوءَ کي پسڻ جي. هوُ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي تلاش ۾ هو. ڪلڪتي ۾ شري نالودا هڪ مهان دارشنڪ، ودوان سنت کيس گرو روپ ۾ پراپت ٿيو. هوُ سندس آڌياتمڪ مارگ درشن ڪري ٿو. وئڪيشن سبب پيارو دادا سنڌ ۾ اچي ٿو. سندس ماتا کيس شادي ڪرڻ لاءِ چوي ٿي. پيارو دادا کيس چوي ٿو 'امي، منهنجي دل ته لڳي ٿي لاهوتين سان، مان شاديءَ جي ٻنڌن ۾ نه ٻڌبس. مونکي ته پياس آهه پريو ملڻ جي. پيارو دادا لاهور جي ديالسنگهه ڪاليج، ڪوچ بهار جي وڪٽوريا ڪاليج ۽ پٽيالا جي مهيندر ڪاليج ۾ پرنسيپال جي پد تي رهيو. دادا هزارن وديارٿين جي راهه روشن ڪئي.

پوڄيه ماتا جي پرلوڪ پڌارڻ بعد دادا دنيوي عهدن جو تياڳ ڪري پريوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌيو، جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳايائين هو صاحب هيڻن جو همدرد، مسڪينن جو مددگار، اڙين جو آڌار ۽ خلق جو خدمتگار ٿي رهيو، پنهنجي ساري جيون پر اُپڪار ۽

سگهي ٿو انڪري هن درويش دل انسان سنڌ ۾ ناري جاڳرتا آڻڻ لاءِ ميران وديا هلچل شروع ڪئي. اُن وديا هلچل دوارا هن صاحب ميران اسڪول برپا ڪيو. جنهن ۾ بالڪين ۾ پوترتا، پرارٿنا، سادگي، ستيہ، سنيهہ، سهانڀوتي، سيوا جا سنسڪار وڌا ويا. جيئن هوُ اڳتي هلي نيڪ ناگرڪ ٿين ۽ قوم جو ڪنڌ اوچو ڪن. ميران اسڪول جي شڌ واتاورڻ ۾ پليل بالڪائون اڳتي هلي آدرشي ناريون ٿيون. اُن هلچل سبب روهڙيءَ، لاڙڪاڻي ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ بالڪين لاءِ ميران اسڪول کليا جتي شڌ واتاورڻ ۾ نياڻين کي سکيا ڏني ويئي.

دادا هڪ پنٿ جي مخالفت ڪئي. اِهو پنٿ سماجڪ درشٽيءَ کان نقصانڪارڪ هو، انڪري ساڌو واسواڻي سنڌي جاتيءَ جي اُٿان ۽ سرڪشا لاءِ ان پنٿ جو وروڌ ڪيو. دادا هن پنٿ خلاف ايڏي تہ هلچل هلائي جو سرڪار کي ١۴۴ قلم لڳائڻو پيو. دادا اِهو قلم ٽوڙي بہ ان پنٿ جو وروڌ ڪندو رهيو ۽ اُن سبب ڪيس بہ هفتا ترنگہ جي ياترا ڪرڻي پيئي ۽ دادا جي پويان ستياگرهہ ڪندڙن جون ٽوليون جيل ۾ داخل ٿيون. آخر ۾ دادا جي جئہ ٿي. دادا استري جاتيءَ جي سرڪشا، چريتر نرماڻ جي وڪاس لاءِ پاڻ کي ڪيڏو نہ ڪشٽ ڏنو اِتهاس اُن جو ساکي آهي.

ساڌو واسواڻيءَ سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن ۾ ٻينرن مٿان ٿيندڙ اتياچار، ڏيتي ليتي ۽ ٻين سماجڪ براين خلاف خوب پرچار ڪندو رهيو.

دادا ساڌو واسواڻي ٻينرن ۾ سٺا سنسڪار وجهڻ لاءِ حيدرآباد ۾ سکي ستسنگہ شروع ڪيو. اُن ستسنگ ۾ نام ڪيترن ٿيندو هو ۽ پوءِ دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي امرت وچنن دوارا ٻينرن ۾ سادگي، سيوا، سمرڻ، سنيهہ، ستيہ، سنيم، سهانڀوتي جا ٻج ڇٽيندو هو. دادا ٻينرن کي تاڪيد ڪندو هو تہ گهر جو ڪم ڪار پورو ڪري پوءِ ستسنگ ۾ ايندیون ڪريو. پنهنجي ٻالڪن ٻالڪين کي پرڀوءَ جو روپ سمجهي اُنهن جي شيوا ڪريو ۽ پنهنجي سنتان ۾ سٺا سنسڪار وجهو جيئن هوُ اڳتي هلي ايشور ڀڳت، ديش ڀڳت ۽ پر اُپڪاري ٿين.

سک سچو اُن کي ڪٿن ملندو؟
گگدامن سان جو ڦهر ڪندو!
ماس اوهين ٿا تن جو کائو،
اتم شڪتي ٿا پنهنجي گهٽايو،
سرشٽي سونهن ۾ آهہ سمائي،
اُن ۾ آهي سبزي سائي،
ڀاڄيون قدرت جون کائو،
نرمل ان سان من نرمل ٿاهيو،
گوبند ٻڌي گگدامن پڪار،
ڪٿن ڪندو اوهان جٿڪار
نوري نماڻي آواز اُٿاريو

پيارو دادا حيدرآباد جي ٿياسافي سوسائٽي، گرسنگ، برهمو سماج رشي ديارام گدومل سنسڪرت پاٺشالا، ڀائي ايسرداس جي دربار ۽ جدا جدا آستانن تي پروچن ڪندي لوڪن جو مارگ درشن ڪندو رهيو. دادا جن گيتا ڪلاس کوليو، سکي ستسنگ شروع ڪيو. هن ستسنگ دواران خاص ڀينرن کي سکيا ڏني ويندي هئي تہ گهر جو ڪم ڪار پورو ڪري پوءِ ستسنگ ۾ اچو، پنهنجن ٻارن کي پريوءَ جو روپ سمجهي اُنهن جي شيوا ڪريو. جيون ۾ سمرڻ سيوا سادگي ستيہ سنيهہ جي جوت جڳايو.

ساڌو واسواڻي مهان سماج سڌارڪ هئا. سنڌ ۾ هنن استري جاتيءَ جي اُڌار ۽ اُٿان لاءِ ڪافي ڪاريہ ڪيو. ناري ڪوملتا، نرملتا، تياڳ، قرباني، سهنشيلتا، پريم ۽ حياءُ جي مجسم تصوير آهي. جتي ناريءَ جي پوڄا ٿئي ٿي اُتي ئي ديوتائن جو واسو ٿئي ٿو. ساڌو واسواڻي جي زماني ۾ سنڌ ۾ ناري جاڳرتا اچا پوري ڪانہ هئي ساڌو واسواڻيءَ کان اڳہ سنڌي استريءَ جي وڪاس ۽ جاڳرتا لاءِ ساڌو هيرانند آڏواڻي، ساڌو نوَلراءِ آڏواڻي، رشي ديارام گدومل ڪيترا عملي اُپاءُ ورتا. ساڌو واسواڻي پنهنجي دؤر جو مهان سماج سڌارڪ هو اُن محسوس ڪيو تہ هڪ آدرش استريءَ دواران سڄو پريوار آدرشي بڻجي

۽ دادا جشن واسواڻي اُنهن ٻالڪين ۾ اُتم سنسڪار وجهي رهيو آهي
۽ ساڻ ساڻ ڪين پريوءَ جي پيار جو پيغام ڏيندي روحاني راهه ۾ چڪي
رهيو آهي. اڄ ٻه سندس سونهپ هيٺ ميران گرلس ڪاليج ڪافي
ترقي ڪئي آهي. ميران يوميءَ ۾ ڪاليجي ٻالڪين لاءِ خاص هاسٽل
آهي جتي پرارٿنا ۽ پوترتا جي واتاورڻ ۾ اُهي پينر اَڀياس ڪري
رهيون آهن.

غريب گهرجائو پينرن کي هر مهني آرٿڪ، اَن، وسترن جي مدد
ڪئي وڃي ٿي. اُنهن پينرن جي ٻارن جي پڙهائيءَ جو مفت بندوبست
ڪيو وڃي ٿو. ساڌو واسواڻيءَ پينرن لاءِ خاص ناري شالا شروع ڪئي
جنهن ۾ سوين پينر سکيا وٺي پنهنجي پيرن تي بيٺيون.

دادا واسواڻيءَ ساڌن سنياسين جهڙي پوشاڪ ڪين پهري مگر
سندس اُتم ڪرمن سبب شرڌا وچان ڪيس **"ساڌو"** سڏيو ويو. هن
هڪ هڪ کي پنهنجو پوتر پيار ڏنو تنهنڪري سنيهه وچان سڀني ڪيس
دادا ڪري سڏيو. دادا معنيٰ جيڪو سدائين پيو ڏئي ڏئي.

ساڌو واسواڻي ساري عمر ڏيندو رهيو. سندس جيون هئي قربانيءَ
جي جيون. ڪن کي اَن ڏنائين، ڪن کي علم ڏنائين، ڪن کي ڌن
ڏنائين، ڪن کي همدردي تہ ڪن کي نينهن ڏنائين. سڀني کي
پنهنجي آسيس ڏنائين. هزارين جا ڳوڙها اُگهيائين ٻين جو دکہ، پاڻ
تي هموار ڪيائين.

دادا سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ رتن ڪندي سماجڪ سڀاڳي
آندي ۽ نام جو سنديش ڏنو. هزارن اُجڙيل دلين کي نام جي اَمرت
سان آباد ڪيو.

دادا جي جيون ۾ ڀڳتي، گيان ۽ ڪرم جو سندر سمنويہ هو. هوُ
وڏو ودوان هوندي، مهان گياني هوندي، سچو سنت هوندي مهان
ڪرم يوگي هو. ويهين صديءَ جو اعليٰ فيلسوف ۽ رشي هو.

پونا جي ميران يوميءَ ۾ نت نيم ستسنگ جي سرتا پرواهت
ٿئي ٿي. جنهن مان سوَين پياسي نام امرت پيئن ٿا. ڀارت جو اڳيون

سڪي ستسنگ ۾ ڪي پينرون رنگ برنگي ڪپڙا پائي ايندا هيون. هڪ ڏينهن ساڌو واسواڻي ستسنگ ڪندي کين سمجهايو ته منش جي سچي سونهن سادگيءَ ۾ آهي. توهان سهڻن ڪپڙن ۽ زيورن پنيان ڪيڏو نه اجايو خرچ ڪريو ٿا اِهو خرچ بچائي دکين غريبن جي شيوا ۾ خرچ ڪيو، اُنهن کي اَن ۽ ڪپڙا وٺي ڏيو. فئشن پويان اَجايو وقت ۽ پئسو نه وڃايو. ساوتري، سيتا، دمينتي، اَنسويا جي ساکي ڏيو. دادا جو اِهو اُپديش ٻڌي ڪيترن ئي پينرن رنگ برنگي ڪپڙن ۽ فئشن جو تياڳ ڪيو. پوءِ هوُ ستسنگ ۾ سفيد ڪپڙا پائي ايندا هيون. دکين بکين ۽ پکين پسن جي شيوا به ڪيائون.

دادا کي استري جاتيءَ لاءِ عزت هئي اُن ڪري وديا هلچل کي نالو ئي پڳتياڻي ميران جو ڏنائون ۽ دادا سنڌيءَ ۾ هزارين گيت لکيا جي نوُري گرنٿ ۾ سنگرهيت آهن. اِنهن سيني گيتن ۾ دادا پنهنجو تخلص نوري استعمال ڪيو آهي. نوري هڪ مهاڻي جي ڌيءَ هئي سندس صورت سهڻي هئي، پر سندس سيرت اُن کان وڌيڪ سهڻي هئي. هوءَ حليمائيءَ جي مورت هئي. انڪري ڄام تماچي کيس پٽ راڻي بڻايو. دادا واسواڻيءَ ۾ نوريءَ کان وڌيڪ نمرتا هئي. جيڪڏهن نوريءَ جهڙي نمرتا استرين ۾ هوندي ته اُهي پنهنجي ڪانڌ جو قرب حاصل ڪري سگهنديون.

ديش جي ورهاڱي کانپوءِ پونا جي پڻيه پوميءَ ۾ ساڌو واسواڻيءَ ميران هاءِ اسڪول برپا ڪيو. ساڌو واسواڻيءَ ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي رهبري، آسيس ۽ بردرهوڊ ائسوسيئشن جي سيڪريٽري شري گنگارام ساجنداس جي پرشارٿ سان ميران وديا هلچل جو وڻ قليو ڦوليو. اُن وديا جي وڻ مان هزارن فيض حاصل ڪيو. ڪجهه سالن بعد اُتي پونا ۾ دادا **"ميران ڪاليج فار گرلس"** برپا ڪيو. پوڄيه دادا جشن واسواڻي اُن ڪاليج جو ڪي سال پرنسيپال ٿي رهيو. هن صاحب نياڻين ۾ شپ سنسڪارن جا ٻج ڇٽي سندن راهه روشن ڪئي. اُن مهاوديالیه ۾ بالڪين کي آدرشي وديا ڏني وڃي ٿي. اُهي بالڪيون سوڀاڳيه شالي آهن، جن کي ساڌو واسواڻيءَ جهڙي مهاپرش پنهنجو پيار ۽ آسيسون ڏنيون ۽ اڄ

پيارو دادا جشن واسواڻي سندس جڳايل جوت جڳائيندو پيو رهي، ديس پرديس ۾ پياري دادا جو پيغام پڄائي نام جو امرت پيئاري رهيو آهي. پياري دادا گنگارام ساجنداس پڻ سڪريه رهيو. هن دادا جن جي شيواڪارين جو وستار ڪري جيون سڦل ڪئي. اڄ به پونا ۾ نه صرف ستسنگ جي گنگا پرواهت ٿئي ٿي پر انيڪ خلق خدمت جا ڪاريه هلي رهيا آهن. ڀارت سرڪار پياري دادا واسواڻيءَ جي ساهتيڪ، سماجڪ، تعليمي راشٽريه شيوائن جي قدرشناسي ڪندي سندس سمرتيءَ ۾ ٽپال ٽڪلي شايع ڪئي. جدا جدا شهرن ۾ دادا جن جا پتلا کڙا ڪيا ويا آهن. فلم ڊويزن وارن دادا جن جي ڊاڪيومينٽري تيارڪرائي جدا جدا شهرن ۾ ڏيکاري. اسين به سندس سڌانتن سکيائين جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي مانو جيون سڦل ڪريون.

هرسال ٢٥ نومبر دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسوءَ جدا جدا شهرن ۾ ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. لڪين لوڪ ويشنو ڪاڌو کائين ٿا. ساڌو واسواڻيءَ آڌياتمڪ مارگ درشڪ هئا، سندن سکيائون اپنائي جيون سڦل بڻايون.

سونهاري سڀاڳي سنڌڙيءَ سوَن سنتن صوفين کي جنم ڏنو، جن مان ڪن جي سرهاڻ اڄ به نه صرف سنڌ هند ۾ مگر وديش ۾ پڻ لکن لوڪن کي معطر ڪري رهي آهي. اهڙين اعليٰ هستين مان دادا ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ هڪ هئا. هوُ مهان ودوان، گيانوان، تعليمدان دارشنڪ، سماج سڌارڪ، آڌياتمڪ مارگ درشڪ اوچ ڪوٽيءَ جا ڪوي، ليکڪ، خلق جا خدمتگار دين دريدرن پڪين پسن جا مددگار غمگسار روحاني روشنمنار هئا.

ساهتيه ۾ يوگدان :

ساهتيه ۾ يوگدان ويهن صديءَ جي سنڌي سنت ساهتيڪارن ۾ ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ صاحب سريشٽ ساهتيڪار آهن. دادا جن سنڌي ساهتيه جي نثر چاهي نظم ۾ ساراه جوڳو يوگدان ڏنو آهي. هي صاحب انگريزيءَ جا به عالم هئا. هنن انگريزيءَ ۾ پڻ نثر ۽ نظم ۾ سوين ڪتاب لکيا، جن مان هزارن لوڪن فيض حاصل ڪيو. گڻيش ڪمپني

راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جڏهن ميران يومي ۾ آيو تہ هن مهان ودوان وياکيان ڪندي چيو تہ پياري ساڌو واسواڻيءَ جو هي آستان مون لاءِ هڪ تيرٿ آستان آهي ۽ مان هت هڪ ياتريءَ جي ڀاوَ ۾ آيو آهيان. ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جي من ۾ پياري دادا جن لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا ڀاونا هئي! سنت ميهر بابا مهرشي ڪروي ۽ بين ستپرکن سان بہ دادا جن جو سنيهہ سنٻنڌ رهيو انڪري هو وقت بہ وقت دادا جن سان ملڻ ايندا هئا.

پيارو دادا پر اُپڪار جو پرتيڪ هو، ديا جي مورت هو، سيوا جي صورت هو. دردمندن جو درد ڏسي سندس دل پرجي ايندي هئي. سچو سنت اُهو جو پر پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي اُن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪري، هڪ دفعي دادا ميران ستسنگ هال ۾ وينو هو ۽ ڪيترا پريمي پڻ وينا هئا. اوچتو هڪ گهرجائو ٻڍڙو اندر هال ۾ آيو ۽ اچي دادا کي وينتي ڪيائين تہ ٿڌ ۾ پيو ڏکان هڪڙو ڪنبل ڏيو ۽ منهنجي نظر بہ گهٽجي ويئي آهي انڪري هڪ عينڪ بہ وٺي ڏيو، پياري دادا هڪدم مٿان ڪمري مان هڪ ڪنبل گهرايو ۽ اُن ٻڍڙي کي اُهو ڪنبل ۽ عينڪ خريد ڪرڻ لاءِ روڪ پئسا ڏيندي پرڻام ڪيو، ٻڍڙو آسيس ڪندي رمندو رهيو. ٿوري وقت بعد بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻيءَ دادا جن کي وينتي ڪئي تہ اچ ڪو اُپديش ڏيو.

دادا وراڻيو مان اُپديش تہ ڏئي چڏيو. هال ۾ وينل پريمي اِهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويا ۽ دادا کي چيائون دادا توهان اُپديش تہ ڪين ڏنو ڪرپا ڪري اچ ڪا سکيا ڏيو. دادا چيو تہ اچ مونکي جيڪي اُپديش ڏيڻو هو سو ڏئي چڏيو. هو غريب مسڪين ٻڍڙو تہ سياري سبب ڏکي رهيو هو، سندس نظر بہ گهٽجي ويئي هئي اُن کي وقتائتي مدد ڪئي ويئي. مونکي اچ جيڪي چوڻو اُهو مون ڪيو. توهين بہ گهرجائن غريبن جي سار لهو، اُنهن جي شيوا ڪريو ڪين پنهنجو پيار ڏيو اِهوئي اچ اوهان لاءِ اُپديش آهي.

١٦ جنوري سنہ١٩٦٦ع هزارين دلين جو سهارو پيارو دادا ساڌو واسواڻي سنسار سفر سماپت ڪري برهملين ٿيو. سندس روحاني وارث

چاهي پرمارٿ لاءِ راهه روشن ڪئي. هوُ گيان گرپت وشيه به سرل سنڌيءَ ۾ لکندا هئا. جنهن عوام پاڻ پڙهي ڪجهه هنڊائي سگهن.
سنڌي سنت ڪاويه کي ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي گيتن ذريعي مالا مال ڪيو.

مهان سنت ڪوي

ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ نه صرف وڏو ودوان مهان سنت ۽ دارشنڪ هو پر اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي پڻ هو. هوُ ويهين صديءَ جو مهان سنڌي سنت ڪوي هو. سندس ٻاڻي امولِيه ۽ انوکي آهي. سنڌ جي ڪنهن به ڪويءَ ايتري ٻاڻي ڪين لکي آهي جيتري پياري دادا واسواڻيءَ لکي آهي. سندس سموري ٻاڻي شري نوري گرنٿ ۾ سنگرهيت آهي. اِهو گرنٿ سنت ساهتيه جو املهه امر خزانو آهي.

نوري گرنٿ هڪ هڪ مانسور آهي. ڪو هنس هجي جو موتي ويهي چڳي. هي گرنٿ ڀڳتي پرڪ ڪاويه سان ڀرپور آهي، روحاني رمزن رازن کي سلي ٿو، پرماتما جي پار جي پانڌيڙن لاءِ راهه روشن ڪري ٿو مگر وهنوارڪ جيون ۾ پڻ منجهيل مايوسن لاءِ روشن منار آهي. پياري دادا پنهنجا دارشنڪ ويچار سرل سپڪ سنڌي ڪاويه ۾ پيش ڪيا آهن. ويدن شاسترن اُپنشدن جو مکڻ ڪڍي اسان کي نوري گرنٿ ۾ ڏنو آهي. شل اهو اسين گرهڻ ڪري شڪتيشالي ٿيون.

پياري دادا نه صرف سنڌي ۽ ۾ ڪاويه رچنا ڪئي آهي مگر انگريزيءَ ۾ پڻ ڪيتريون ڪوتائون لکيون آهن. سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ نثر ۾ سوين پستڪ لکيا آهن جن جي ساراهه جون سرڪيون وديشي ودوانن پڻ پريون آهن. پياري دادا جي سنڌي ڪاويه جو مختصر وويچن ڪجي ٿو.

گرو ڪرپا

دادا واسواڻيءَ گروءَ جي اننيه ڪرپا جو اُليکه ڪندي چوي ٿو ته گروءَ جي ڪرپا دواران جيو جو نصيب کلي ٿو، ٺنهنڪري ور ور ستگرن جي چرنن ۾ سيس جهڪائڻ گهرجي. دادا صلاح ڏين ٿا ته ستگرن جي ڪمل چرنن جي رج سان اشنان

مدارس مان سندن ڪيترائي انگريزي ڪتاب شايع ٿيا. سندن ساهتيہ مان سندن ودونا، ساتوڪ ويچارڌارا، ايشور ڀڳتيءَ ۽ ديش ڀڳتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. مهاتما گانڌيءَ جڏهن ينگ انڊيا پترڪا جو پهريون انڪ پرڪاشت ڪيو تہ ان انڪ جي پهرين صفحي تي ساڌو واسواڻيءَ جو ليک شايع ڪيو. ان مان ثابت آهي تہ سندس زماني ۾ ٿي مهاتما گانڌيءَ جي من ۾ ساڌو واسواڻيءَ لاءِ سنمان جي ڀاونا هئي. هي صاحب ديش آزاديءَ آندولن کان بہ پرويات ٿيو. شري لوڪمانيہ تلڪ، گرديو ٽئگور سان بہ ساڌو واسواڻيءَ جو سنيهہ سنبنڌ رهيو. هن صاحب پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن دواران ايشور ڀڳتيءَ سان گڏ ديش ڀڳتيءَ جو بہ سنچار ڪيو. هن صاحب جي ڳالهائڻ چاهي لکڻين ۾ فصاحت ۽ سلاست هوندي هئي. هوُ ڪڏهن ڪنهن وشيہ يا جملي کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ جي لحاظ کان اُن جو دهرائُ بہ ڪندا هئا. دادا جن سنڌي صوفين، سنتن، گروباڻي، ميران سنت تلسيداس، سورداس ڪبير جي امرت واڻيءَ ۽ انگريزي عالمن فيلسوفن جي ساهتيہ جو بہ ڪافي ابياس ڪيو هو، انڪري هوُ صاحب پنهنجي رچنائن ۽ پروچن ۾ اُنهن جي حياتي ۽ وچنن جو ذڪر ڪندا هئا.

ساڌو واسواڻيءَ جي پريرڻا سان سندن آستان تان سنڌيءَ ۾ سنت مالا، ماسڪ ۽ شيام ساپتا هڪ پترڪائون، انگريزيءَ ۾ ايسٽ ۽ ويسٽ ۽ ميران ماسڪ مخزنس پرڪاشت ٿينديون رهيون، ڀيڻ ستي تڏاڻي، شيام پتريڪا جو سمپادن ڪندي هئي تہ پيارو آتم واسواڻيءَ سنت مالا رسالي جو سمپادن ڪندو هو. دادا جشن واسواڻيءَ ايسٽ ۽ ويسٽ جو تہ دادا گنگارام ساجنداس ميران مخزن جو سمپادن ڪندا رهيا. انهن پترڪائن ۽ رسالن ۾ ساڌو واسواڻيءَ جا ليک، ڪوتائون پرڪاشت ٿيندا رهيا. سندن رچنائون ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ شايع ٿينديون رهيون. انهن پترڪائن ۽ رسالن ۾ سندن آڌياتمڪ ڀڳتيءَ گيان سنبنڌي مضمون شايع ٿيندا رهيا. دادا جن ڪيترن سنتن ڀڳتن جا جيون چرتر ۽ سندن واڻيءَ جي وياکيا ڪندي ڪتاب لکيا جن مان هزارن لوڪن لاڀ پرايت ڪيو. دادا جن پنهنجي ساهتيہ دواران وهنوار

برهمر :

ساڌو واسواڻي برهمر جي نرگڻ ۽ سگڻ ٻنهي روپن جو ورڻن ڪيو آهي، نرگڻ برهمر جو بيان ڪندي دادا چوي ٿو ته برهمر ساري سرشٽيءَ ۾ وياپڪ آهي سندس مهما اَننت آهي.

صفت تنهنجي بي اَنت آهي اپار،
رميو نوري آهين، رڳ رڳ سنسار.

برهمر جو نه رنگ آهي نه روپ، هو نرنجن آهي، اگوچر آهي.

تون نوري نرنجن، بنا رنگ ريکا،
ساري جڳت ۾ برهمر جو پرڪاش آهي.
جڳ ساري ۾ جڳ مڳ تنهنجي جوت سمائي.

ستيمر، شومر سندرم اِهي ٽئي برهمر جون وشيشتائون آهن. هوُ ست به آهي، ڪلياڻڪاري به آهي ته سندر به آهي. دادا جن پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا :-

تون ستيه شومر، تون سندر صورت،
سنت جنان سگلي تيري مورت،

دادا مٿين مصرائن ۾ برهمر جي نت اوتار جو ورڻن پڻ ڪن ٿا. برهمر سنتن جو اوتار وٺي سدائين جڳت جو ڪلياڻ ڪري ٿو. تنهنڪري سنت برهمر جو روپ آهن. هر جيو ۾، هر چيز ۾ هر هنڌ هڪ برهمر ئي وديمان آهي.

هر جاءِ
هر راهه
اِڪ تون ئي تون،
اِڪ تون ئي تون.

---- ---- ---

وڻن جي پتن ۾ به تون ئي وسين،
چمن جي گلن ۾ به تون ئي پسين.

برهمر جدا جدا روپ ڌارڻ ڪري ساري سرشٽيءَ ۾ رمي رهيو آهي. ڪيل به پاڻ آهي ته ڪيلاري به پاڻ آهي. طالب به پاڻ آهي ته

ڪري مڪتيءَ جو پد پراپت ڪر.

گر ڪرپا سين بخت کلي.

ور ور سر جهڪاءِ ستگر چرنا،

وار وار وٺ ڏولي تن سنتن پيران

گرديو چرنن رج وار وار ڪري اشنان،

نوري نماڻي روئي دل ڌوئي پاءِ نروان.

دادا گروءَ جي اپار مهر جو ورڻن ڪندي چوي ٿو ته گروءَ گيان جو ڏونڪو وڄائي منهنجي من روپي چور کي قابو جهلي نام جي بيڙيءَ ۾ چاڙهيو. جيڪو نام جي بيڙيءَ ۾ چڙهي ٿو تنهن کي لهر نکي لوڏو سو سدائين سائينءَ جي اوڏو.

ڏاڍي مهر ڪئي موري ستگر بجايا ڏونڪا،

چت چور کي پڪڙي، هاڻ چاڙهيو اڻس نام کي نوڪا.

گروءَ جي ڪرپا کان سواءِ جيو کي نه ست مارگ ملندو نه سندس نصيب کلندو.

بن گر ڪرپا نه مارگ ملي،

نه نوري نماڻي قسمت کلي.

دادا گروءَ کي وينتي ڪندي چوي ٿو ته اوهان مونکي پنهنجي چرنن ۾ ويهاري منهنجي اگيان جي نشي کي ختم ڪريو. مونکي خاص نام جو خزانو ڏئي سرتيءَ جو شبد سان ميلاپ ڪرايو.

ستگر! بار بار بينتي رک تون پنهنجي پاس،

دنيا ساري دوکيبازي ڏس ڏاڍي آهيان اُداس.

سنگه وهاري نظر نهاري، ڪر نند نشو سڀ ناس،

سرت چاڙهه تون شبد ۾، نه بند ٿين خلاص.

دارشنڪ ويچار ڌارا :

ساڌو واسواڻيءَ صاحب وڏو ودوان سچو سنت ۽ مهان دارشنڪ (فيلسوف) هو. سندس دارشنڪ ويچار ڌارا جي جهلڪ سندس باڻيءَ ۾ ملي ٿي.

منهنجو پيارو پراڻ پيارو شيام شيام ئي شيام،
چت ۾ رکان، راڌا! راڌا! پايان وشرام.
ڀڳوان شري ڪرشن جو ذڪر ڪندي دادا چوي ٿو ته منهنجو مرشد به تون ئي آهين، دکن جي دور ڪندڙ به تون ئي آهين.
گوبندا! منهنجو مڪند تون،
منهنجو موهن، مشڪل ڪشا به تون،
منهنجي مالها گلي جو هار،
منهنجي نئينءَ جي اُشا به تون.
ڀڳوان شري ڪرشن پريم جو روپ آهي. اِهو ذڪر ڪندي دادا چوي ٿو :
پيار ئي ڪنعيا ڪرشن مراري،
پيار ئي جوت ڌام اوتاري.
پيارو دادا گرديو ٽئگور جيان شري شيام سندر کي مسڪينن جي جهوپڙين ۾ پسي ٿو :
نه محلن نه ماڙين ۾ موهن ٿو چمڪي،
ڀڳل جهوپڙين ۾ اچي پاڻ جهمڪي.
پشن پتن، گلن ڦلن ۾ به شري ڪرشن مشڪي رهيو آهي.
چمن ۾ ٿو مکڙين ۾ موهن مشڪي.
شري ڪرشن تون ستيه سو روپ آهين، سنسار ۾ جڏهن اتياچار اَنياءُ جي باهه ٻري رهي هئي تڏهن تون هن جڳت ۾ پڌارين. تون جڳت جي پيڙا مٽائڻ ۽ ڌرم رکشا لاءِ اوتار وٺي آئين. دادا جي مول لفظن ۾ :
اءِ ستيه سوروپ شري ڪرشن،
شرڻ تنهنجي ۾ آيا آهيون،
پڌاريو آهين پرڪرتي ڪيتر،
ٻرن جت پيون ڌاڍيون باهيون،
آهين پڌاريو پرش پُراتن،
لاهڻ لئه تون جڳه جو بار،

مطلوب بہ پاڻ، گويو بہ پاڻ آهي تہ ستار بہ پاڻ آهي. خالق بہ پاڻ آهي تہ خلق بہ پاڻ آهي.

پاڻ ئي صورت منجھہ سنسار،
پاڻ ئي ساري بازيگر بازي،
پاڻ ئي سنتن جي سڪ سازي،
پاڻ ئي طالب پاڻ ئي تار.
پاڻ ئي گوُيو پاڻ ستار.
پاڻ ئي پراڻن جو اڪ پران،
پاڻ ئي خلقيو سارو جهان.

پرماتما پاڻ آدم جو روپ وٺي جڳت ۾ آيو آهي.

آدم جي ئي ويس ۾ اللهہ پاڻ آيو
چولو اِنساني پائي پڌاريو.

پرماتما ساري سرشٽيءَ جو کيل رچيو آهي. سندس اِڇا انوسار ئي وقت بہ وقت اُن سرشٽي روپي کيل ۾ ڦير ڦار ٿئي ٿي. دادا واسواڻيءَ چوي ٿو

ڪئن ڪاريگر کيل ڪري ڪن ڪن ۾،
تصويرون پيو ٿو پاڻ ٺاهي،
وري ساڳيون پيو ٿو پاڻ ڍاهي.

سگڻ ساڪار برهم جو بيان ڪندي پيارو دادا چوي ٿو تہ ڀڳوان شري رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشن اننت برهم جا ئي روپ آهن. برهم جا انيڪ روپ آهن.

روپ تہ بہ ٿيا : روپن ٻنهي ۾ سو ئي رام سوئي شيام.
روپ انيڪا، اِڪ اننت جا، روح سڀن جو اِڪ آهي.
راڌا جو پراڻ آهي شيام سندر بانڪي بهاري.

پيارو دادا بہ اُن شيام جي پراپتي چاهي ٿو. ور ور شيام سندر کي پيو پڪاري ۽ ائين محسوس ڪري ٿو تہ شري ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾ ئي سچو آنند آهي.

ملڪ مايا جو تون ناهين ناهين.

هي جيوَ! تون برهم جي پراپتي لاءِ ٻاهر ڇو پيو ڀٽڪين؟ تون ڪيس پائڻ لاءِ گنگا گوداوريءَ پيو وڃين! تون برهم آهين، آنند سوروپ آهين، اجايو آنند لاءِ ٻاهر پيو ڀٽڪين.

وڃين ڇو اءِ پياري!

تون گنگا ڪناري پنهل آهين پاڻ.

ڪٿي وينو ڳولهين،

ڪنهن کي تو ٻولين؟ پنهل آهين پاڻ.

ويدانت واڪيه تت توم اسي جي جهلڪ دادا جي ڪوتا ۾ ملي ٿي. هي جيوا تون جنهن شاهن جي شاهه پرماتما جي ڪوج ۾ آهين، سو تون پاڻ آهين.

ناهي توکان ٻتي ڪو ٻه ٻيو.

سلطان تون شاهن جو شاهه.

جيو آتما جوتيءَ کان منهن موڙي اجايو اگيان اوسٿا ۾ رهي پنهنجي ٻيڙي پيو ٻوڙي.

جگ جگ جوتيءَ کان منهن موڙي،

جکه جکه جيو ڪرن.

هي جيوا شري رام ۽ شري ڪرشن تنهنجي من مندر ۾ ئي براجمان آهن. تون به اُنهن جو روپ آهين.

هردي تنهنجي پيو رمي،

شري رام رمي پيو دم به دم.

ڪين کي آهين ٻيو ڪو تون،

سمجهين ڇو ته آهين آدم.

سهڻي صورت موهڻي،

مورت ته تنهنجي اندر.

موهن مرلي به باجي

باجي من جي مندر.

جڳت :

ڀڳوان شري رام جو ورڻن ڪندي دادا چوي ٿو تہ برهم شري رام اوتار ۾ پرٿويءَ تي پڌاريو آهي، دشٽن جي دمن ڪرڻ لاءِ ڀڳتن جي رکشا لاءِ.

پريو آهي پڌاريو،
شري رام کي پڪاريو،
دکين کي سنڀاريو.
جنهن دشٽن کي ماريو
نوري نماڻيءَ کي جنهن اُتاريو،
رام نام اُچاريو ! اُچاريو.

پيارو دادا رام جي چرنن ۾ ئي آنند جو احساس ڪري ٿو، تنهن ڪري هوُ چوي ٿو تہ جتي رام براجمان آهي اُتي ئي مان وشرام پايان ٿو.

ڏام منهنجو جت راجي رام،
وشرام منهنجو جت باڪي نام !

شبري ڀيلڻيءَ شري رام جي شرڻ ورتي، دادا چوي ٿو تہ شل مان بہ شبريءَ جيان پنهنجي جيون ۾ ساڪي ڏيان، رام ڳايان رام ڏيايان، آنند پايان.

اُن ديس جي ساڪي، ڏئي نوري نماڻي،
رام جي چرنن هيءَ شبري وڪاڻي.

جيو :

جيو اَ گيان آورڻ سبب پنهنجي نج سوروپ کي ڀلجي ويو آهي، هو پاڻ کي هن مايا جي ملڪ ارٿات جڳت جو سمجهي اُن سان نينهن جو ناتو جوڙي ويٺو آهي. ساڌو واسواڻي جيوُ کي جاڳرت ڪندي چوي ٿو تہ پيارا تون! اَلکہ ڏام کان آيو آهين. تون پاڻ! اگ آهين امر آهين، ساکي ست چت آنند روپ آهين، پاڻ کي پڇاڻ.

اَمر اگوچر تون آهين آهين،
پر پنهنجو پاڻ تون ڪين سڃاڻين.
اَلکہ ڏام مان آيو آهين آهين،

مايا جيو کي پنھنجي رسيءَ سان ٻڌي سوگھو ڪيو آھي.
ارثات جيو مايا جي آڪرشڻ تي ئي موھجي جڪڙجي پيو آھي. اُن مايا
جي رسيءَ مان جيو تڏھن مڪت ٿيندو جڏھن کيس ڪو ڪامل گرو
ملندو. اُھو گرو کيس مايا جي ٻنڌنن مان آزاد ڪندو.

مايا رسيءَ سان دنيا کي ٻڌو آھ،
رسي ڪٿن ڇڙي، جي گرو نہ لڌو آھ.

مڪتي :

جيو چوراسيءَ جي چڪر ۾ پيو چڪر ڏئي. دادا واسواڻي
فرمائي ٿو تہ ستگروءَ جي شيوا ڪرڻ سان ئي جيو کي مڪتيءَ جي
مارگ جي پروڙ پوندي. گروءَ جي مھر ڪانسواءِ جيو کي مڪتيءَ جو
مارگ نصيب ڪين ٿيندو.

گرو جي شيوا ڪري ٿو جو،
مڪتي مارگ پڇائي ٿو سو.
بنا گر ڪرپا نہ مارگ ملي،
نہ نوري نماڻي، قسمت ڪلي.

مسڪينن ۾ مالڪ

گرديو رويندر ناٿ ٽئگور جيان دادا واسواڻي بہ مسڪينن
محتاجن ۾ محبوب جو مشاھدو ماڻيندي چوي ٿو تہ جيڪڏھن اوھان
کي داتار جو درشن ڪرڻو آھي تہ غريبن اناٿن جي جھوپڙين ۾ وڃي
اُنھن جي شيوا ڪري پريوءَ کي پسو.

نہ محلن نہ ماڙين ۾ موھن ٿو چمڪي،
پڳل جھوپڙين ۾ اَچي پاڻ جھمڪي.

دادا آگاھ ڪندي چوي ٿو تہ دنيا جا طالبو نہ ٿيو. جي پريوءَ
کي پسڻ چاھيو ٿا تہ دکين دريدرن اڳيان سر جھڪائي اُنھن ۾ داتا جو
درشن ڪريو.

طالب ٿيءُ نہ دنيا جو، مسڪينن اڳيان سرجھڪاءِ،
غريبن ۾ ڏس غائب آھي خاڪ تنادي لڱن لڳاءِ.

دادا جن جي ويچار موجب مسڪينن ءَ سورن ۾ ستايلن جي

پياري دادا جي ويچار ڏارا موجب هي جڳت برپٽ جيان آهي، رڃ آهي، سچ آهي. اگيان سبب هرڻ اُن رڃ ۾ واريءَ کي جل سمجهي پنکي پراڻ ڏيندو آهي تئَن جيو بہ جڳت ۽ جڳت جي پدارٿن کي ست سمجهي اُنهن لاءِ ويرٿ وقت وڃائي ٿو. بنا گيان جي جيون جي اَوديا روپي اُڃ پوري ڪين ٿيندي.

سمجهہ جڳہ سارو اٿيئي رڃ،
بنا گيان اُتري نہ اَوديا جي اُڃ.

هي جڳت جوٺو آهي، است آهي، ناسونت آهي، تنهنڪري دادا جيو کي تاڪيد ڪري ٿو تہ :

جوٺي جڳہ کان من تون موڙ،

---   ---   ---

دنيا ساري اٿيئي فاني.

هي جيوا تون جيڪي جڳت ۾ ڏسين وينو سو سپني جي کيل وانگر آهي. جئن سپني جا پدارٿ مٿيا پوت آهن تئن جڳت جا پدارٿ پڻ مٿيا آهن.

سپني ڪيلا سگل پساري.

هي جڳت سپني سمان آهي. هي جڳت دونهين جو محل آهي. سپني جا پدارٿ اَست آهن تئَن جڳت جا پدارٿ بہ اَست آهن. دونهين جي محل جي ڪا اهميت ڪين آهي. ڏن جوڀن سڀ پاڇا آهن. هي جڳت ڪال جو گهر آهي. دادا جي مول لفظن ۾ :

جڳہ سارو جئن رات جو سپنو،
هت ڏينهن ہ چار اٿئي رهڻو،
جڳہ سارو اٿئي دونهين محل،
پاڇا اٿيئي ڏن جوڀن جواني،
بنگلا ماڙيون گاڏيون فاني،
ملڪ سارو اٿيئي موت مڪان،
ڇڏ ويسر، ڪر ڪو ڌيان؟

ماما :

پريم :

دادا واسواڻيءَ جي ڀڳتي ساڌنا ۾ گيان ۽ پريم جو سندر سمنويہ آهي. دادا پريم جي اهميت ٻڌائيندي چوي ٿو تہ ڀاهريون علم ۽ ودوتا بنا پريو پريم جي ڪهڙي ڪم جا! ڀلي منش ڇهني شاسترن جو ابياس ڪري پر جيسين هن دل جي دري ڪين کولي آهي، پريم ڀري پڪار ڪين ڪئي آهي تيسين پريوءَ ڪان پري رهجي ويندو ۽ وري وري جوڻين جي چڪر ۾ ايندو. دادا جي نوري گرنٿ ۾ فرمائين ٿا تہ :

چا ٿيو کوليا توکٽ شاستر،
پر ڪين کولي تو دري دري.
علم قلم بن قرب نہ ڪم جا،
ايندين ڪال چڪر ۾ وري وري.

پريم ڪان سواءِ جيئڻ جو جيئڻ بيڪار آهي، پريم ڪانسواءِ سنسار جو سفر ويرٿ آهي. پريوءَ جو پريم ئي ڀڳتي آهي. اُن ڀڳتيءَ ڪان سواءِ جيون اجائي آهي. پريوءَ جي پريم ڪان سواءِ ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون آهن.

پريم بنان جيئڻ اجايو،
پريم بنان نہ سفر سجايو،
بن ڀڳتيءَ وينو وقت وجائين،
پريم بنان سڀ ڪوڙ ڪمائين.

سنت :

سنت برهم جو نت اوتار آهن. دادا جن فرمائين ٿا تہ سنتن جي ديا درشتيءَ سان پٿر بہ تري وڃن ٿا، ارٿات اڻ تارون اگياني بہ سنتن جي ڪرپا سان هن دنيا جي درياهہ مان پار پهچي وڃن ٿا.

سنت ديا سين پٿر بہ تري.

دادا واسواڻي جن اهڙن سنتن ستپرشن جي در جي داسي ٿي رهڻ چاهين ٿا جن جي مهر سان جيو جم جي ڦندي مان مڪتي حاصل ڪري ٿو.

سيوا پريوءَ جي سچي ڀڳتيءَ آهي. اُنهن اناٿن اپاڄن جي شيوا ڪري اُنهن جي اڳيان سر جهڪائي اُنهن جي آسيس وٺڻ گهرجي. دکي دريدر پريوءَ جون مورتون آهن، جيڪو اُنهن جي سار لهي ٿو، سيوا ڪري ٿو، سو سڀاڳو ايشور جي آسيس پائي ٿو.

ساچي ڀڳتي دکين جي شيوا،
درتنا جي وٽ مهر جا ميوا.
تن چرنن ۾ وڃي سر جهڪاءِ،
نوري نماڻي دل اندر دونهان دکاءِ.

--- --- ---

غريبن کي جو ڏي ٿو ڪاڏو ڪارائي،
ايشور جي آسيس نوري اوَ پائي.

انتهہ ساڌنا :

پرماتما کي پراپت ڪرڻ جا گهڻي ئي مارگ آهن، ڪي ڪرم ڪانڊي تيرٿن تي وڃن ٿا تہ ڪي يوگہ ساڌنائون ڪري محبوب جي محلات کي تسيائون ڏين ٿا. ساڌو واسواڻي صاحب اَنتهہ ساڌنا تي زور ڏيندي چوي ٿو تہ سالڪ کي گنگا جمنا، گوڪل متِرا ڪاشيءَ ۾ ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي. پرماتما اسانجي انتهڪرڻ ۾ وياپڪ آهي. متِرا ڪاشي سڀ اندر من مندر آهي، ساڌڪ کي گهرجي تہ هوُ پريوءَ لاءِ پياس رکي من مندر ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻي.

اَندر متِرا اَندر ڪاشي،
پوءِ جا پيارا ڦرين بنواسي،
اندر گوڪل اندر متِرا،
رهہ روز فقط تون پياسي.

دادا سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ سنسار جي پدارٿن جو تياڳ ڪري هڪ نام سان ناتو جوڙي اندر وڃ دل مندر الکيہ اوناشي انادي برهم جو چنتن ڪر، باهر ڀٽڪڻ فضول آهي.

چت ۾ چيت الکہ ابناسي،
تج نوري پسارا، ٿي نام نواسي.

ڏيلون بخاشي ڪيس پرسن ڪري ٿو. ساڌو واسواڻيءَ جي مول لفظن ۾ :

سچي سهاڳڻ سائي آهي،
جنهن جاڳي جاڳي ڪنت نهاريو،
رات لڪائي تہ لوڪن ڪان،
ڪومل مکڙو ڪمل سنپاريو،
سک جي سيج تي پڻ چڙهي،
ڪنت پياري کي پيار پيئاريو،
ساجن صورت ڌيان ڌيائي،
دل ۾ ڪنت پيارو ڌاريو.
رڳہ رڳہ ۾ نوري راڳو ساريو،
پانڌ ڳچيءَ ۾ پائي پائي،
سچي سهاڳڻ سا ئي آهي.

جا اِستري پنهنجو سرو سو پنهنجي پريتم جي ڪمل قدمن ۾ قربان ڪري ٿي، تن کي تسيائون ڏئي اوجاڳا ڪڍي پنهنجي پرينءَ کي پرسن ڪري ٿي، شرير جا ٻاهريان سينگار - ساڌن تياڳي سواس سواس ۾ سڄڻ کي سنپاري ٿي، اُن کي محبوب وٽان محبت جي موتين جي کاڻ ملي ٿي، هوُ پنهنجي پريتم سان الوليون ماڻي پٽ راڻي ٿئي ٿي. ارٿات جو ساڌڪ پنهنجو سروُ سو پرماتما جي ڪمل چرنن ۾ ارپن ڪري اُن هڪ برهم جو چنتن ڪري ٿو، جو ڌيان ڪري سواس سواس ۾ کيس سنپاري ٿو تنهن تي پرماتما پرسن ٿئي ٿو ۽ کيس پنهنجي پيار جي موتين سان مالا مال ڪري ٿو.

پريتم کي جنهن ارپيو پاڻ،
سا تہ سياڳي نهال نماڻي،
راتيان جاڳي جوڳہ پچائي،
پردي اندر ساجن ساڻ،
سينگار سرير جو سڀ تياڳي،
ڌيائي ڌيائي دم دم پراڻن پراڻ،
محبوبن کان تہ آهہ ملي،

تن سنتن در جي رهان آنءَ داسي،
جن کي ڪرپا ڪائي جم کي ڦاسي.

ڪوي اهڙن سنتن درويشن جي رج جو قائل آهي جن جي
اکڙين ۾ پرماتما جو پرڪاش پيو چمڪي.

تن سنتن در جي ملي مون ڏوڙ،
جن نيڻن ۾ پيو چمڪي نور.

سنت پرماتما جو اوتار آهن، هو هت منش ديهه ڌاري پڌاريا
آهن پاڻ سان مهر جا ڀنڊار ڀري آيا آهن.

پرم الک مان آيا چولي اِنساني،
آيا ڪٺي سي رحم روحاني.

سچو سک، آنند دنيا جي پدارٿن عهدي اقبال ۾ ڪين آهي.
سچو سک آهي سنتن درويشن جي چرنن ۾. جن جي سپرش سان مانسڪ
چڪتاڻ ختم ٿي وڃي ٿي، شرير جا دک دور ٿي وڃن ٿا، تنهن ڪري
دادا واسواڻي اسان کي صلاح ڏئي ٿو تہ سنتن جو سنگ ڪمائي، پريوءَ
جا گڻ ڳائي مانو ياترا سڦل ڪريو.

سک ساچو جي تون چاهين،
سنت جنان کي چرنا ويهہ،
نوري گوبند ڳاءِ منا،
درلڀ اُتم مانک ديهہ.

سهاڳڻ :

سامي صاحب جيان دادا واسواڻي جن بہ پنهنجي ڪاويہ
۾ سچي سهاڳڻ جو ورڻن ڪندي چيو آهي تہ سچي سهاڳڻ اُها آهي جا
ساري رات جاڳي پنهنجي پريتم ڏانهن نينهن ڀريل نيڻن سان نهاريندي
رهي ٿي. لوڪن ڪان لڪي ڇپي رات جي وقت پنهنجي گهوٽ کي سک
جي سيجا تي وهاري پنهنجو پيار پيئاري پرسن ڪري ٿي. هت سهاڳڻ
جو پرتيڪ ساڌڪ لاءِ ۽ ڪانڌ جو پرتيڪ پرماتما لاءِ آهي. سچو ساڌڪ
لوڪن ڪان لڪي رات جي وقت محبوب جي مکڙي جو ڌيان ڪري ٿو،
اُن سان اوران اوري ٿو. هوُ لونءِ لونءِ ۾ لعلڻ کي ياد ڪري پنهنجون

رستو اختيار ڪري آتم شڪتي ڪولي.

آتم شڪتيءَ جا پر ڪوليو،
ايمان ڇڏي، نئڙت ۾ ٻوليو.

ساڌڪ گيان پراپت ڪري ائين مات ۾ گذاري جئن گونگو. اجايون دنيوي ڳالهيون ڳالهائيندي جيون برباد نہ ڪريءَ سدائين ڏاٽيءَ جي ڌيان ۾ محو رهي.

ساڌڪ کي جڳائي تہ گيان جو ڏيو ٻاري ڀڳوان جي بندگي ڪري دکين دريدرن پکين پسن جيوَن جنتن سيني پراڻين کي پنهنجو پيار پيئاري، ڇاڪاڻ تہ سڀ اُن برهم جي انس آهن.

ڪري خدمت خدا جي اُتي ڏيئڙو ٻار،
دکين دينن کي پکين پسن کي ڏي تون پيار.

سالڪ کي گلا ۽ نيڪيءَ جو خيال نہ ڪرڻ گهرجي. وويڪ انوسار ستيہ مارگ تي هلي زندگي سڦلي ڪرڻ گهرجي.

ساڪہ نہ ننڌا جي رکہ پرواهہ،
نوري نماڻي هل سچ جي راهہ.

جيو دنيوي رسن ڀوڳن پيو ڀٽڪي. دنيا ۽ دنيا جا پدارٿ جن کي جيو سکدائي ۽ دائم سمجهي ٿو سي دکدائي ۽ عارضي آهن. ناسونت آهن، تنهن ڪري دادا واسواڻي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ دنيا جي پرپنچ کان پاسيرو ٿي آتم رس جو آنند ماڻ.

دنيا ساري اٿيئي فاني،
وٺ آتم رس نوري نماڻي،

هي منش! تون جيون روپي کيت ۾ شڀ ويچارن جا ٻج پوکہ ۽ اُڻ کيت جي چڱيءَ ريت سنڀال ڪر، جئن وڪارن روپي ڀور فصل چٽ نہ ڪري وجن، شڀ پوکيندين شڀ پائيندين. گيان ڀڳتي ۽ پريم جا ٻج پوک ۽ پوکي آتم ڌن حاصل ڪر.

زندگي اٿيئي تہ ٻني،
جي تون سنڀالين تہ ٿين ڌني!
ٻج اُن ۾ پوکہ نرمل ويچار،

اُن کي موتين سندي ڪاڻ،
سک سڄڻ جو ماڻي سڄان،
نوري رهي سا راتين راڻي،
سا تہ سڀاڳي نهال نماڻي.

مانکہ ديهہ :

اسين مانکہ ديهہ جو قدر ڪين ٿا ڪريون. دنيا جي پدارٿن گڏ ڪرڻ ۽ عهدي اقبال ماڻڻ ۾ ئي پورا آهيون. اسانکي جو نام جو سودو ڪرڻو آهي تنهن کي وساري ويٺا آهيون، تنهنڪري پيارو دادا تاڪيد ڪري ٿو تہ :

در لڀ ديهي مانکہ ديهي،
قلعا ڪوٽ هي سڀ تہ ٿي ويندا خاڪ،
بنا نام ڪوئي نہ ڪڏهن ٿيو پاڪ،
هي مانکہ جنم پياري! ڪريو سڄايو،
ڪنو پيا ڪريو ڏن اوهين سڀ اجايو.

ساڌڪ کي صلاحون

دادا واسواڻيءَ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ پرماتما جي پار جي پانڌيئڙن کي ڪي صلاحون ڏنيون آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان ساڌڪ سڦلتا جو سهرو ٻڌي سگهي ٿو. ارٿات محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهي ٿو. ساڌڪ کي ستگرو جي پاٺشالا ۾ پڪي پريم سان پهرين وشواس جو سبق سکڻ گهرجي. ٻيو ستيہ جو سبق، ٽيون صبر جو سبق ۽ چوٿون شيل جو سبق پرائڻ گهرجي، تڏهن هو واليءَ جي ويجهو ٿيندو.

ستگر جي اسڪول ۾ سبق چار پڙهج،
پڙهي سچي پريم چاڙهيءَ مٿي چڙهج،
پهريون سبق صدق سونهارو،
ٻيو سبق سچ جو سائينءَ کي پيارو،
ٽيون سبق صبر جو جيون جو آڌارو،
چوٿون سبق سيل، جت نوري چمڪي تارو.

ساڌڪ کي گهرجي تہ هو اهنڪار جو تياڳ ڪري نياز نوڙت جو

رهه، لنوُ جا لڙڪ لاڙيندو رهه تہ پريتم توتي پرسن ٿيندو.

هي پاٺ پوڄا، هي ورت مالها،
ڦٽا ڪر فقط نيڻ، رکہ پيارا آلا،
نينهن ۾ نرلا تہ پائين نوري پرين کي.

سچي وديا :

پياري دادا جي ويچار موجب سچي وديا آهي پريوءَ لاءِ پريم. پرم پتا پرماتما، جو اسان جو هرتا ڪرتا سروُسو آهي. اُن کي سدائين سڪ سان سنڀارڻ گهرجي. اُهو ئي اسانجي جيون کي شاد و آباد ڪندو، تنهن ڪري دادا تاڪيد ڪري ٿو تہ پريوءَ لاءِ پريم ڌاريو.

سچي وديا آهي پريوءَ لاءِ پيار،
جو جيون اسانجي، جو آهي آڌار،
سدا اُن کي، رکہ دل ۾ تون ياد.
ڪندو زندگي تنهنجي ساري آباد.

دکين جي شيوا :

دادا خلق جي خدمت کي خدا جي بندگي سمجهي ٿو. دادا ور ور پنهنجي واٽي ۾ چوي ٿو تہ جيڪڏهن پرماتما کي پائڻ چاهيو تہ مسڪين محتاجن غريبن جي شيوا ڪريو. اِهو سڌو سنواٽو سوکو ساڌن اٿو پرماتما جي پراپتيءَ جو.

پريوءَ کي پائڻ جي سڌي سچي راهہ،
تہ دين دکين جي ٽهل شيوا آهہ.

جيو ديا :

پياري دادا پنهنجي ڪوتا دواران جيو ديا جو پيغام ڏيندي چيو تہ جيسين اوهان جي جيون ۾ ديا پاونا ڪين آهي. اوهين ٺگدامن تي کهل ڪين ڪندا تيسين اوهان کي سکہ جي پراپتي ڪين ٿيندي.

جيو ديا جي جوت جڳايو،
هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو،
سکہ سچو اُن کي ڪئن ملندو؟

اُسري تہ اُن مان شپ ڪم ڪار،
سمجھہ سان جيون ہني تون سنڀال،
نوري نماڻي رکہ سھڻا خيال.

دادا جن جي ويچار موجب صبر ڪرڻ بہ ساڌنا جو ھڪ ڏاڪو آھي. جيڪو دک درد سور سختيون صبر ۾ سھي ٿو سو مالڪ جي مھر لھي ٿو، جيڪي پريو ڪري تنھن تي راضي رھڻ گھرجي. ماٺ جھڙو مزو ڪونھي. ھڪ ھڪ ست پرش پنھنجي زندگيءَ ۾ ڪيترو نہ سٺو آھي. پاڻ سھي اسانکي صبر جو سبق سيکاريو آھي. دادا بہ فرمائي ٿو تہ :

صبر ۾ سھي جو سو ئي پائي،
صبر جھڙي تپسيا ڀي ناھي.

رھسيواد :

دادا جي ڪاويہ ۾ ڪٿي ڪٿي رھسيواد پڻ آھي. ھڪ گيت ۾ دادا پرتيڪن دواران من ۽ آتما جو يٿارٿ چنرڻ ڪيو آھي. ھڪ وڻ تي بہ پکي وينا آھن اُنھن مان ھڪ سکي پکي آتما جو پرتيڪ آھي. جڏھن من آتما جي انکول ھلي ٿو تہ سکي رھي ٿو. آتما روپي پکي جڏھن من کي پوتر پريم پيالو پيئاريو تہ چنچل پکي ارٿات من شانت ٿيو. من ڀڪي پيو.

ھڪ وڻ تي بہ پکي،
ھڪ چنچل، ٻيو سکي!
چنچل پکيءَ جڏھن نھاريو،
تڏھن سکي پکيءَ کيس پڪاريو،
پي پي دکہ ٿيس سڀ دور،
اچي اُن ۾ چمڪيو نور.

آليون اکيون :

پريوءَ کي پائڻ جون گھڻيئي راھون آھن، پياري دادا انھن جو ورڻن پنھنجي ڪاويہ ۾ ڪيو آھي، پر دادا ساڌڪ کي سرل ساڌن پڻ ٻڌايو آھي تہ سدائين سڄڻ جي سوز سک ۾ ڳوڙھا ڳاڙيندو

ذات صفات نہ ڪوئي ڪوئي،
اِڪ اِڪ ۾ اوُ اِڪ پڇاڻي.

سنڌڙي لاءِ سڪ :

ساڻيھہ لاءِ سڪ سو ڀاويڪ آهي، ساڌو واسواڻيءَ کي بہ
پنھنجي وطن سنڌ لاءِ سڪ هئي.

ديش جي ورهاڱي سبب ساڌو واسواڻيءَ کي بہ سنڌ جا وڻ ڇڏڻا
پيا. ڀارت ۾ رهندي سندس من ۾ منڙي ماتر ڀوميءَ لاءِ جا سڪ ۽ شرڌا
هئي سا سندس هيٺ ڏنل ڪوتا مان بخوبي ظاهر آهي. دادا اُن ڪوتا
۾ سنڌ جي آڳاٽي اوج ۽ اتهاسڪ اهميت جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سنڌ
جي تصوير سندس اکين آڏو ڦري رهي آهي. وطن جي ورهہ ۾ ويڳاڻو،
روحاني راڻو دادا چوي ٿو :

اي سنڌڙي ! سهي نہ سگهان آنءُ جدائي،
تصوير تنهنجي اکين آج آئي.
پر تر هري آشرم، اڇي جت بڻايو،
رگ ويد رشين، رام گيت ڳايو.
سڪندر جي نيڻن اڇي جت نهاريو!
جوڳين فقيرن اڇي جت پڪاريو!
جت نانڪ نرنڪاريءَ آسيس آندي،
پري هت توکان ئي دلڙي آهہ ماندي!

ساڌو واسواڻيءَ پاڻ اعليٰ درويش ۽ شاعر هو. سندس من ۾ سنڌ
جي درويش شاعرن جي ياد اچي ٿي. هو چوي ٿو :-

ڪريان ياد ور ور سهڻو شاهہ ۽ سامي،
هت ڳوڙها ٿي ڳاڙيان، اٿم بي آرامي!
بيڪس ۽ بيدل ۽ سچل سهڻو سائين،
جن جي آ ! ڀاڳي سنڌڙي ! تون ڀانئين،
فقير تنهنجن جي مٽيءَ پاتو مان،
تنهنجا سنت پيارا، سدا ڪن سي احسان.

سنڌي هندن کي هندستان جي جدا جدا ڪئمپن ۾ پٽڪندو

گگدامن سان قهر جو ڪندو،
ماس اوهين ٿا تن جو کائو،
آتم شڪتي ٿا پنهنجي گهٽايو.

سچا فقير :

دادا واسواڻي سچن فقيرن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته سچا فقير مالڪ جي محبت ۾ محو ٿي، پنهنجي هستي وڃائين ٿا ۽ محبوب جي مستيءَ ۾ مخمور ٿين ٿا، هوُ هڪ ئي برهم جو چنتن ۽ نذياسين ڪن ٿا. پريم جي پٽ تي پنڌ ڪندي هو پريتم جي پراپتيءَ لاءِ مشڪندي ساهه به صدقي ڪن ٿا.

فقيران موج ۾ گم ٿي، ٿيا مستان ٿيا مستان!
ويئي هستي! آئي مستي، حسن هوُ هوُ ۾ ٿيا حيران!
وڃائي پاڻ تن پنهنجو، وڃائي تن سارو سنسار،
نشي اڪ نور جي ۾ ئي، وحدت جو ڪيو وهنوار!
نڪي ڪن ساهه جي پرواه، قرب ڪنڌڙو ڪپائن ٿا،
چمي چانئٺ چڙهي سوُلي، وڃي نوري نه پائن ٿا.

سچو صوفي :

سچي صوفيءَ جي وصفن جو بيان ڪندي ساڌو واسواڻيءَ چوي ٿو :

صوفي سالم سوئي سوئي،
جنهن صورت آهي صاف سڃاتي،
پستڪ پرچا ورق ڦٽا ڪري،
پروڙ نه پنهنجي پاتي پاتي!
علم چڏي جو عاشق ٿيو،
۽ ٿيئڙو عشق ۾ ئي مستان،
وهنوار دنيا جا سڀ آ ! تياڳي،
اِڪ صورت ۾ ئي ٿيو حيران.
نه هندو ترڪ نه پنهنجو پرائو،
ڪوئي سڃاڻي، ڪوئي سڃاڻي،

فقط ڳالھ هڪڙي: مڪتيءَ جو مارگ مونکي آ ! مليو،
جڏهن مهر تي مون تي چند شيوا جو چمڪيو:
گهڻو ڪري هرڪو ساڌڪ سنت گياني ڏياني مڪتيءَ جو چاهڪ
هوندو آهي مگر پياري دادا جي دل جي پياس هئي تہ وري جنم وٺي
دکين دريدرن جي شيوا ڪريان، اُنهن جي ڪمل قدمن ۾ محبوب جو
مشاهدو ماڻيان. دادا اهڙي اِڇا ظاهر ڪندي چوي ٿو.

اٿم نا پياس مڪتيءَ لئہ

هيءَ پياس ٿيان شل ڌوڙ،

دکين جي ئي ڪمل چرنن،

پرين جو آنءُ پسان تي نور!

سانت :

ساڌڪ لاءِ سانت تمام ضروري آهي. سانت ۾ ئي ساڌنا
ڪري هو پنهنجي پريتم جو ڌيان ڪري سگهي ٿو. گوڙ شور سندس
ڀڳتيءَ ساڌنا ۾ وکيپ پيدا ڪن ٿا. ساڌو واسوانيءَ سانت جي مهما
ڪندي چوي ٿو :

سانت جي پردي آهہ پريتم پاڻ

نوري نماڻي اُت ويهي ڪر تون روح رهاڻ.

ورهہ ويدنا :

ڀڳتياڻي ميران وانگر ساڌو واسوانيءَ جي ڪاويہ ۾ ورهہ
ويدنا آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي درشن لاءِ دادا جي دل پياسي آهي.
پريتم جي پياس سبب سندس نيڻن مان نير ڇلڪي ٿو :

روئي روئي رات گذاريان،

پياس ۾ پيئا لئہ ٿو پڪاريان.

قسمت آهي وڏو هي وڇوڙو.

دن رات دل ۾ ولوڙو.

نہ جمنا جي لهرن آهہ ايڏو پاڻي،

جو منهنجي اکين آهہ نوري نماڻي.

ساڌارڻ طرح ديوتائن، ڀڳوان يا پنهنجي پريتم اڳيان گلن جي

ڏسي دادا جي دل پرجي اچي ٿي، دادا آکي ٿو :

منهنجي ملڪ جا ماڻهو ڪٽ پيا آ ! پڻڪن!
چڏي سنڌڙي سي، آهہ وچ سڻڪن !

ساڌو واسواڻيءَ جي اها دلي خواهش هئي تہ سنڌ ۾ واپس وڃي اُتان جي درويشن جي خاڪ لڳن تي لڳايان. هوُ پنهنجي اهڙي اڇا ظاهر ڪندي چوي ٿو

وري شل وٺان تنهنجي چرنن جي خاڪ!
چمي ڌوڙ درويشن جي ٿيان شل مان پاڪ!
وري شال نوري، اچي تو ملان،
ڪٽي پشپ ڪنهبا، اچي شل ڪلان.

ديش ڀڳتيءَ :

ساڌو واسواڻيءَ ايشور ڀڳت بہ هو تہ ديش ڀڳت بہ هو. سندس راشٽريہ ويچار ڌارا جي جهلڪ سندس ڪوتا ۾ ملي ٿي. ڪيس سنڌ جي ياد تازي آهي. آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ وڌندڙ پرانتيتا جي ڀاونا ڏسي دادا واسواڻيءَ جي دل ۾ درد پيدا ٿيو. ڀارت جي دکي حالت ڏسي دادا پرماتما کي وينتي ڪئي :-

منهنجو ملڪ مونکان آهہ نا جدا،
ڀڳل آهہ ڀارت پر تنهنجو خدا !
رکہ مهر ۾ سدا، نوري نهاري سانت ۾.
دکہ درد ۾ آ، پيو ڀارت ڀڄي،
غم سوز سڄڻا ! منهنجي دلڙي هڄي،
سنڌ گجرات پنجاب بنگال
سين کي تون هڪ ڪر نہ تہ آهيون ڪنگال،
ديش پيارو ڪر نهال، نوري نهاري سانت ۾.

هيوا :

ساڌو واسواڻيءَ جي ويچار انوسار شيوا جو مارگ پڻ مڪتيءَ جو مارگ آهي. هوُ دکين دريدرن ابلائن اناٿن جي خدمت ۾ ئي سچي مڪتي محسوس ڪندي چوي ٿو :

داسيہ ڀاونا :

ساڌو واسواڻي هو نياز ۽ نوڙت جي ساکيات صورت، سد
سد نماڻو، هزارين دلين جو راڻو. سندس صورت مان حليمائي جهلڪندي
هئي. ڪوتا ۾ ڪويءَ جي شخصيت ۽ ويچاردارا جو عڪس ملي ٿو.
دادا واسواڻيءَ جي ڪاويہ ۾ داسيہ ڀاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي. دادا
پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي چوي ٿو :

تون ٺاڪر مان در جي داسي،
تون مالڪ مان مهر جي پياسي،
آهين پتا تون اسانجي ماتا،
جڳہ جنني آهين جڳہ داتا.

پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ئي سچو سکہ آهي. تنهنڪري پيارو
دادا پرماتما کي وينتي ڪندي چوي ٿو :

شرڻ تنهنجي ۾ اسانجو سکہ،
ڪمل چرڻ ۾ اسانکي رکہ،
روز رهون شل تنهنجي سنگہ،
روز چڙهي شل چت ۾ اُمنگ.
نوري نماڻي تو در آئي،
ڪين نذر جي ڏسڄ ڪچائي.

دادا پاڻ کي داتار جي در جي داسي سڏي مالڪ مهربان کان
مهر جي ڀکيا منگي ٿو. هوُ سنتن جي رج جو چاهڪ آهي.

تنهنجي در تي آءُ داسي بکاري،
سڻ تون سڄڻا! هيءَ پياس پڪاري،
تون شاهن شاهہ: آءُ ڇا گهران؟
اِڪ مهر تهاري، آءُ ٿي منگان!
ڏي سنت جنان کي چرنن ڌوڙ،
تہ جيون اندر چمڪي نوُر!

دادا ادب سان پنهنجي محبوب اڳيان هٿ جوڙي پنهنجون
ڪيل ڀُلون بخشائيندي چوي ٿو تہ :

مالها پيٽ ڪبي آهي. ڪي راجائون مهاراجائون يا شاهوڪار هيرن جواهرن جا هار پيٽ ڪندا آهن. پر پياري دادا پنهنجي پريتم لئہ ڳوڙهن جي مالها تيار ڪئي آهي ۽ هو اُن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي.

رکي اٿم تہ تو لئہ هيءَ ڳوڙهن جي مالها،
اچي وٺ تون، پيارل ! نينهن جا پيالا.

ساڌو واسواڻي ڀڳوان شري ڪرشن جا احسان مڃيندي چوي ٿو :

هن ويچاريءَ درد واريءَ کي،
دامن پنهنجي ۾ موهن رکيو آهي!
مان نماڻي فقيرياڻي، عيبن هاڻي،
محل راڻي جي مون امرت چکيو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي ورهہ اوستا جو ورڻن ڪندي چوي ٿو :

عاجز اکيون ٿيون آهن اُڪير ۾،
ڏاڍا ڳلن تان ڳوڙها ڳڙن ٿا.
راتيان راڻل ! آهيان روح ۾ گهايل،
لالڻ تو لئہ ڏس نڙڪ لڙن ٿا!

شاعر ساڌو واسواڻيءَ جانب جي جدائيءَ ۾ ورهہ جا ورلاپ ڪندي پنهنجي ورهي اوستا جو ذڪر ڪندي چوي ٿو :

آڌيءَ رات دونهان درد جا دکايان،
ملي ٿو وڇوڙو سمورو وڃايان.
هينئن جو هار ڪڏهن ايندو؟
جاڳي جاڳي جانب ويني ريجهايان.
نارون نينهن جون آڻ نيڻن وهايان!
سڄڻ سردار ڪڏهن ايندو؟
صورت اِڪ سڄڻ جي سيني نچايان،
مچ محبت جو ويني آءُ مچايان،
جيءَ جو جيئارو ڪڏهن ايندو؟

چيتاوني :

سنت ڪوين جيان دادا واسواڻي صاحب پڻ جيو کي
هن ڀوُ ساگر مان پار پوڻ لاءِ بيدار ڪري ٿو. جيو غفلت ۾ غلطان آهي.
ڪوي ڪيس جاگرت ڪندي چوي ٿو :

اُٿ جاڳ پيارا غفلت ڇوڙ،

هي جيو! تون اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ٿي پنهنجي اندر
مان راڳ دويش ڪڍي انتهڪرڻ کي پوتر ڪر.

ٿيءُ سچيت ٿيءُ سجاڳ،

قلب مان ڪپ سڀ دويش ۽ راڳ.

نوريءَ جو آدرش :

نوري شاهه لطيف جي سورمي جنهن پنهنجي نياز ۽
نوڙت سان، حليمائي ۽ هيڻائيءَ سان ڄام تماچي جو پيار حاصل
ڪيو، ساڌو واسواڻيءَ اُن نوريءَ جي ڪردار جي نه صرف پنهنجي
جيون ۾ ساکي ڏني مگر پنهنجو تخلص ئي نوري رکيو. دادا هزارين
گيت رچيا اُنهن ۾ نوري تخلص استعمال ڪري نوريءَ کي نهال
ڪري ڇڏيو.

نوري سونهن جي صورت، سد سد نماڻي ٿي، ڄام تماچيءَ جي
پٽ راڻي. ڄام تماچيءَ کي ٻيون به راڻيون هيون مگر نينهن جي
نوازش نوريءَ مٿان. پريوءَ جو پيار تن کي پراپت ٿئي ٿو جي خاڪساري
اختيار ڪن ٿا.

ساڌو واسواڻيءَ جي آچار ۾، ويچار ۾ نماڻائي. سندس هڪ هڪ
گيت مان سندس نمرتا جي جهلڪ ملي ٿي. نوريءَ جو پرتيڪ هڪ
سچي سڪايل ساڌڪ لاءِ آهي جو پنهنجي نماڻي سڀاءُ سبب پريتم جو
پيار پراپت ڪري ٿو.

يڳتيالي ميران جو آدرش :

ساڌو واسواڻيءَ يڳتياڻي ميران جي يڳتيميه جيون ۽
سندس ڪاويه ڪان ايترو ته پرڀاوت هو جو هن جا وديا هلچل آرنڀ
ڪئي اُن تي نالو ميران هلچل رکيائين. ميران جيان پياري دادا

نينهن نيڻ ۾ آهہ، نت نئون توکي نهاريان،
هٿڙا ٻڌي اَدب جا ٻديون سڀ ٿي ٻخشايان.

ساڌو واسواڻيءَ جي شخصي جيون ۾ جهڙي نمرتا جي ڀاونا هئي ساڳي خاڪساريءَ جي ڀاونا سندس ڪوتا ۾ آهي.

ڀارت واد :

شاعر پنهنجي يگہ جو ترجمان پڻ آهي. هوُ جيڪي ڏسي ٿو پسي ٿو تنهن جو ذڪر پنهنجي ڪوتا ۾ ڪري ٿو. ساڌو واسواڻيءَ بہ پنهنجي ڪاويہ ۾ پنهنجي يگہ جي ترجماني ڪئي آهي. ڀارت ڀوميءَ ۾ وڌندڙ ڦوٽ ۽ بکہ بيڪاري ڏسي هنجي من ۾ درد پيدا ٿئي ٿو. هو ڀارت جو ڀڳارت چتر چٽيندي پرماتما کي پرارٿنا ڪندي چوي ٿو:

ڀارت ڀڳل آهي!
گهر گهر ڦٽيل آهہ.
آهن بکايل دکي،
ملي ڪين روٽي رکي.
سارو ملڪ آهہ شڪار،
تو بن ڀيو ڪري ڪير سنڀار.
وري ڏي ڪا شڪتي،
نئين اوت ڀڳتي!

ڀارت ڀومي ويرن سرويچن جي ڀومي. مگر شاعر دادا واسواڻيءَ محسوس ڪيو تہ اڄ ديش ۾ جوڌا جنگي جوان ڪين آهن. سارو ديش غفلت ۾ غلطان آهي، ديشواسي سوارٿ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن. اِهو چتر چٽيندي دادا چيو :

ملڪ منهنجو ڪڏهن اُٿندو؟
نئين جوت ۾ جاڳندو!
ڪٿي آهن جوڌا ويرا!
ملڪ سارو منجهہ زنجيرا!

هي پٽ پٽيهر مور ما ن نہ پايان.
لوئي تہ لعلڻ جي آءُ ڪئن لڄايان
عمر تنهنجون ماڙيون، ريشم جون ساڙهيون،
اسين ملڪ ملير جا تہ ڪين نهاريون
ڪٿون سيج سهڻا آهن زنجير،
منگان آءُ پيئي ملير جا تہ ڪير
تنهنجي محل ۾ آ طلسم نظارو
منهنجن پکن ۾ آ پريتم پيارو،
ڪکن لئہ پکن لئہ روئي نوري نماڻي،
ماروئڙن محبوبن در تي وڪاڻي.

ٻين شاعرن جو اثر :

ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ تي شري گرونانڪ ديو ۽ ٻين گروجن، سنت ڪبير، ڀڳتياڻي ميران، ڀڳت سورداس، شاهہ لطيف، سچل سرمست، سامي صاحب ۽ شاعرن جو اثر ظاهر ظهور آهي. دادا ڪٿي ڪٿي ساڳيو خيال ٻين لفظن ۾ پيش ڪيو آهي تہ وري ڪٿي ڪٿي اُنهن شاعرن جي شبدواليءَ جو پريوگہ آهي. دادا پاڻ درويش هو. هوُ ٻين سنتن درويشن جي ٻاڻي ڏاڍي چاهہ سان پڙهندو هو ۽ پريم سان ٻڌندو هو، تنهنڪري اُنهن درويشن سنتن جي ٻاڻيءَ جو پرڀاءُ سوڀاويڪ آهي.

سهاڳڻ جي وشيہ تي سامي صاحب سندر سلوڪ لکيا آهن تہ ساڌو واسواڻيءَ پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ سچي سهاڳڻ جو ذڪر ڪيو آهي. گرواڻي ۽ هندي ڀڳت ڪوين جو اثر هيٺين مصرائن مان ظاهر آهي :

سن ديس ۾، نا ڪوئي وهنوار،
نہ ميرا تيرا، ڪوئي ڪم ڪار،
اُت چمڪي چمڪي اِڪ پيار
--- --- --- ---
بيچ گگن تيرا ناد نرنجن آيا آيا،
پورا گر، رنگہ رسيلي، مٿن ني پايا،

واسواڻيءَ جي من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ اننيہ ڀڳتي ڀاونا هئي، هوءِ
بہ ميران وانگر ڀڳوان شري ڪرشنچندر جي پريم ۾ لين ٿي شري
مڪند مراري برج بهاريءَ جا گيت ڳائيندو هو ۽ سانت ئي سانت ۾
عشق جو اشڪ وهائيندو هو. ميران جهڙي مستي مٽس طاري ٿيندي
هئي. اُن ڀڳتيءَ جي مستيءَ ۾ پياري دادا ڪيترا نہ مٺا گيت لکيا جن
۾ ور ور شري ڪرشن جي درشن جي اڇا ظاهر ڪئي آهي. گوپيون شري
ڪرشن جي ورهہ ۾ ويڳاڻيون، دادا اُنهن گوپين جي روپ ۾ چوي ٿو :

آهہ ڪٿي تہ ويو گهنشيام
جنهن جي چرنن دل جو ڌام
ڪنج نڪنج ۾ وينيون ڳولن،
ور ور گوپيون وينيون ڀولن، آهہ ڪٿي تہ ....
مرليءَ مست ڪيون البيليون،
شيام بنا تہ آهيون اڪيليون، آهہ ڪٿي تہ ....
ڪٿي وڃين تہ ڪريون ديدار؟
پايون وري تہ پريم اوتار، آهہ ڪٿي تہ ....
نوري راتيان نير وهائي،
گوپين سان گڏ ويني ڳائي، آهہ ڪٿي تہ ....

مارئي جو آدرش :

شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ سنڌ جي ٻين ڪن شاعرن
مارئيءَ جي ڪردار کي اُڀاريو آهي. مارئي سنڌ جي ستي ساوتري
هئي، ساڌو واسواڻيءَ پڻ پنهنجي ڪاويہ ۾ مارئيءَ جي ڪردار کي
چمڪايو آهي. ساڌو واسواڻيءَ پاڻ کي مارئيءَ جو روپ ڏئي سچي وطن
ڏانهن اڪڙيون ڪٽي قرب وچان نهاري ٿو. جئن مارئيءَ عمر جي محل
ماڙيون طرحين طرحين جا طعام ويس وڳا ٺوڪنا ڪيا تئن پياري دادا
کي دنيوي پدارٿن مان لطف ڪين آيو. هو مارئيءَ جي زبان ۾ چوي
ٿو :

قلعا ڪوٽ تنهنجا عمر ڪين چاهيان،
مٺي مارُوئڙن جي لڱن تي لڳايان!

ساڌو واسواڻيءَ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جيان سد سد نماڻا ۽ روحاني راڻا هئا! سندن دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو، همدردي هوندي هئي انڪري هوُ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جيان دکين بکين جا پيٽ ڀرڻ لاءِ وقت به وقت مودي خانو به هلائيندا هئا. هوُ پنهنجي سکي ستسنگ، ميران ستسنگ ۾ گروباڻي جو خوب پرچار ڪندا هئا ۽ اڄ به سندس آستان ميران پومي پونا ۾ نت نيم نام جي ندي پرواهت ٿيندي رهي ٿي. سندن روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي هزارين پياسي دلين کي نام جو امرت پيئاري رهيو آهي.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ڪيڏا نه نماڻا هئا جو هنن پنهنجي باڻيءَ ۾ ور ور داس لفظ جو استعمال ڪيو آهي. سندن ڪاويه ۾ داسيه ڀاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي. شري گرونانڪ ديو مهاراجن وانگر دادا واسواڻيءَ به پنهنجي باڻيءَ ۾ نوري تخلص استعمال ڪيو آهي. نوري مهاڻي هئي هوُ سيرت چاهي صورت جي سهڻي هئي. سندس نياز نوڙت سبب جام تماچيءَ کيس پنهنجي پٽ راڻي بڻايو! دادا واسواڻيءَ به پاڻ کي نوري نماڻي سڏايو. سندس رهڻي ڪهڻيءَ ۾ خاسڪاري هئي. دادا واسواڻيءَ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جيان نمرتا جي ساڪيات صورت هئا. ٻئي مهان ويڀوتيون عشق جا اوتار هئا. اُها ساڳي نمرتا پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون ۾ جهلڪي رهي آهي.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ديا ۽ پر اُپڪار جا روپ هئا ته پيارو دادا واسواڻي به ڪروڻا ۽ پريم جا ساڪيات سوروپ هئا. ٻئي مهاپرش هيڻن جا همراهه ڀڪين پسن جا سنرڪشڪ هئا. شري گرونانڪ ديو مهاراج ملڪ ڀاڳوءَ جا مالپڙا نه کائي غريب لعلو واڍي جو ڏوڏو سويڪار ڪيو. کين غريبن نواز سڏيو ويو. دادا ساڌو واسواڻي به مسڪين محتاجن ۾ مالڪ جو مشاهدو ماڻيندي چوي ٿو:

طلب ٿيءُ نه دنيا جو، مسڪينن اڳيان سر جهڪاءِ.
غريبن ۾ ڏس غائب آهي، خاڪ تنادي لڱن لڳاءِ.

ساڃي ڀڳتي دکين جي شيوا،

مانکہ جنم سجايا، کن ۾ نوري نهال ٿيڙي.

شاھہ جي شبدوالي ۾ خيال ظاهر آهي :

حق حقيقي مان هي ڪثرت ڪل

لاثاني صورت مان هي قدرت گل

ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ تي سچل سرسمت جو اثر پڻ آهي جئن سچل سرسمت ور ور منصور جو ذڪر ڪيو آهي ساڌو واسواڻيءَ بہ پنهنجن ڪيترن ئي گيتن ۾ منصور جي مستيءَ جو بيان ڪيو آهي، مثال پيش آهن :

منصور جي مستي پائي پائي

اڪ اللهہ کي ئي ڏيائي

اڪ نعرو نوري وجائي

هوُ! هوُ! هوُ! هوُ! هوُ!

حق اناالحق جو نعرو ماريو،

چن جاڳي، جاڳي روحرو اُٿاريو

ساڌو واسواڻيءَ پڻ سچل وانگر شريعت جا ٻنڌن ٽوڙڻ جو ذڪر ڪري ٿو :

شريعت ٻنڌن ٽوڙي هليا،

معرفت جي ئي رنگ رچيا.

شري گرونانڪ ديو مهاراجن جو پرڀاءُ

شري گرو نانڪ ديو مهاراج ۽ ساڌو ٽي. ايل واسواڻي ٻئي يگ پرش هئا. ٻنهي مهاپرشن لکن لوڪن کي اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ڪري نام جو امرت پيئاريو. لوڪن کي ست مارگ ٻتايو. شري گرونانڪ ديو مهاراج نندپڻ ۾ ئي پنهنجي من ۾ نام جي جوت جڳائي. هوُ صاحب ڪيئن نہ جهنگل ۾ ايڪانت استل تي ويهي نام اُچاريندا هئا.

نام خماري نانڪ چڙهي رهي دن رات.

ساڌو واسواڻي نندپڻ ۾ پنهنجي گهر جي ڪڏ تي وڃي ايڪانت ۾ ويهي نام جپيندا هئا.

جل ٿل سورج چاند اور تارا،
اِڪ جوت جڳي الک ابناسي،
سوئي آتش دل وچ مندر،
ديک نوري هئہ مستاني.
سري گرونانڪ ديو مهاراج ڪلجڳ جا اوتار هئا پوءِ بہ اُنهن
ستگروءَ جي مهما ڳائيندي چيو:-
گُر پرساد پرم پد پايا، سوڪي ڪاسٽ هريا.
ساڌو واسواڻيءَ بہ گروءَ جي مهما ڪندي چيو :
پوري گرني پيد بتايا.
ڪولي سروپ سهج سمجهايا،
آتم روپ مئن ني پايا.
دادا واسواڻي ستگروءَ جي چرڻن جي مٽيءَ سان اشنان ڪرڻ
چاهي ٿو :
گُر چرڻو ڌولي ڪرون اشنان،
شري گرونانڪ ديو مهاراج پاڻ بہ نام سمرڻ ڪندا هئا ۽ پريمين
ڪي بہ نام سمرڻ لاءِ پريرت ڪندا هئا. دادا واسواڻيءَ پڻ پنهنجا
سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪندي شرڌالو پريمين ڪي بہ نام سمرڻ لاءِ اُتساهت
ڪندا رهيا.
سمر سمر پاءِ سک ساچا،
سمر سمر سنڪٽ ڪٽ جاءِ.
شري گرونانڪ ديو مهاراج مانوَ جيون جو مهتو ٻڌائيندي فرمائين
ٿا تہ دنيوي ڪم ڪاريون ڪنهن ڪم جا ڪين آهن. انڪري سنتن
جي سنگ ۾ خوب نام جپيو، ست ڪرم ڪريو :
ڀئي پراپت مانک ديهرئا،
گوبند ملن ڪي اِهہ تيري بريئا،
اوُر ڪاج تيري ڪتي نہ ڪام،
مل ساڌ سنگت ڀج ڪيول نام.
ساڌو واسواڻيءَ بہ ساڌڪ کي ساڳي صلاح ڏيندي فرمائين ٿا :-

در تنادي وٺ مهر جا ميوا،
تن چرڻن وچي سر جهڪاءِ،
نوري نماڻي دل اندر دونها دکاءِ.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ۽ دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي ٻئي دارشنڪ ۽ مهان سنت ڪوي هئا. شري گرونانڪ جي ٻاڻي شري گرو گرنٿ ۾ درج ٿيل آهي ته دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سموري ٻاڻي نوريءَ گرنٿ ۾ سنگرهه ٿيل آهي. خوشي - غميءَ جي موقعي تي سنڌي - پنجابي شري گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ آرنڀ ڪندا آهن. هوُ ڪڏهن مُنجهي پوندا آهن ته شري گرو گرنٿ صاحب مان وچن وٺندا آهن ته سندن سمسيا جو سماڌان ٿي ويندو آهي. پياري دادا ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جا شرڌالو ديش وديش ۾ شري نوري گرنٿ جو پاٺ رکندا آهن. اُن مان شرڌا سان وچن وٺندا آهن ته سندن مشڪلات دور ٿي ويندي آهي. اڄ ڪيترا شرڌالو سنڌي سماج شري گرو گرنٿ صاحب وانگر شري نوُري گرنٿ ۾ شرڌا رکي پاٺ ڪن ٿا ته سندن مشڪل آسان ٿي وڃي ٿي.

دادا واسواڻي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي ٻاڻيءَ کان ايترو ته پروڀاوت ٿيا جو اُنهن شري جپ صاحب جي سرل سپڪ سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي لکي ۽ پنهنجي پروچن ۾ هوُ ور ور گرٻاڻيءَ جا حوالا پيش ڪندي اسانجو مارگ درشن ڪندا رهيا. ٻنهي مهاپرشن جي ٻاڻيءَ ۾ سمانتا آهي، روحاني راز سليل آهن، پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ ۽ وهنوار جي خيال کان به سندن ٻاڻي اسانجي راهه روشن ڪري ٿي.

شري گرونانڪ ديو مهاراجن ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي دارشنڪ ويچار ڌارا ۾ به سمانتا آهي. شري گرونانڪ ديو مهاراج نرگڻ نرانڪار برهم جو ورڻن ڪندي چيو :

انتر باهر ايڪو جانڻا، نانڪ انتر نه دوجا،
اونڪار سروَ پرڪاشي، آتم سڌ اوناشي.

ساڌو واسواڻيءَ به نرانڪار نرگڻ برهم جو ورڻن ڪندي چوي ٿو
:

ساجن سنمک روحرو روز روئاريو سمجهن سولي سيج سمان چيکانپراس
جا مثال آهن.

انتياانپراس :

اُن جادوءَ ۾ تي جوت ٻري،
جانب ناهہ تہ تو کان پري،
لعل رتن وچي لک ۾ لهہ،
سانت صبر ۾ سڀ تون سهہ.

ٻري پري ۽ لهہ سهہ انتيانپراس جا مثال آهن.

ورڻ مئتري :

دادا جي ڪاويہ ۾ ورڻ مئتري ۽ ورڻ سنگتيءَ جو سندر
پريوگ ٿيل آهي. مثال پيش آهن.

جپ تپ تيرٿ سپيئي ڇڳايون،
جڳہ مڳہ جوتيءَ کان منهن موڙي ...
ڪوئي نہ ڪنهنجو پنهنجو آهي.
جل ٿل جوتي باڪي بلڪل :
تن من ڪي سڌ سڀ وسري.
ڏيانين گيانين نرمل روپ،
پتي ستي سچا سنتوڪي.

مٿين مصرائن ۾ جپ تپ، جڳہ مڳہ، ڪنهنجو پنهنجو، جل
ٿل، تن من، ڏيانين گيانين، پتي ستي ورڻ مئتري جا مثال آهن.

ورڻ سنگتي :

جت چمڪي چمڪي جوت الاهي،
رنگي رنگي مايا آهي تو اُپائي،
جاڳہ ! جاڳہ ! جاڳہ ڪر پنڌ پيارا!

چمڪي چمڪي، رنگي رنگي، جاڳہ جاڳہ جاڳہ ورڻ سنگتيءَ جا
مثال آهن.

سنگيتاتمڪتا :

ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ ۾ سنگيتاتمڪتا آهي هوُ پاڻ

هي مانک جنم پياري! ڪريو سڄايو!
ڪنو ڪريو پيا ڏن اوهين سڀ اڄايو!

سک ساچو جي تون چاهين،
سنت جئان ڪي چرنا ويهہ،
نوري گوبند گاءِ منا!
درلڀ اُتم مانک ديهہ.

پوجيہ دادا ساڌو واسواڻي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي ويچار ڌارا، وهنوار ۽ ٻاڻيءَ کان ڪافي متاثر نظر اچن ٿا.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ۽ دادا واسواڻيءَ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ وهنوار چاهي پرمارت جي پرگتيءَ لاءِ سندر سکيائون ڏنيون آهن. سي جيون ۾ اپنايون مانوَ جيون سڦل بڻايون.

ڪاويہ ڪلا :

ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ ۾ ڪيترين ڪاويہ ڪلاتمڪ خوبيون پڻ آهن. هن صاحب ڪاويہ ڪلا جي لحاظ کان ڪاويہ رچنا ڪين ڪئي آهي. پهتي ساڌنا ڪندي پنهنجي احساس اُمنگن کي ڪاويہ روپ ۾ پيش ڪيو اٿائون، سهج روپ سان سندن ڪاويہ ۾ شبد اَلنڪار ۽ ارٿ النڪارن جي سهڻو استعمال ٿيو آهي. سندن ٻاڻيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي پرتيڪن جو پريوگ پڻ ملي ٿو. شبد النڪارن ۾ ڇيڪا نُپراس ۽ انتيانپراس سان پوري ريت نڀايو آهي، مثال پيش آهن :

ڇيڪانپراس (تجنس حرف) :

سجڻ سڀ سٺي ٿو، تنهنجي تند تار ۾ ڪليو،
سچي سهاڳڻ سائي آهي ......،
جانب جلالهوءَ جي، جيءَ ۾ جڙياسين.
سک ستار ۾ ساجن سنمک، روحرو روز رڻاريو.
سي سمجهن سولي سيج سمان.

سجڻ سڀ سٺي تنهنجي تند تاز جانب جلالهوءَ جي سک ستار

اُپما النڪار :

جئن ڏرتيءَ مينهن لئہ آسي،
تئن هيءَ دل آ پريوءَ لئہ پياسي.

دادا جن پنهنجي دل لاءِ ڌرتي ۽ پرماتما لاءِ مينهن جي اُپما (تشبيهہ) ڏني آهي. جئن زمين برسات لاءِ آس رکندي آهي، برسات پوڻ سان ڌرتي سر سبز ٿي ويندي آهي تئن پريمي پنهنجي پريتم جي پياس رکي ٿو. پريتم کي پسڻ سان سندس اُجڙ دل آباد ٿئي ٿي. ڀڳت ڀڳوان جي درشن ڪري باغ بهار ٿئي ٿو.

سپي جئن ئي بوند لئہ روز نهاري،
تئن تنهنجي نظر لئہ هي دل پڪاري.

ساڌڪ پنهنجي لاءِ سپيءَ ۽ مالڪ جي مهر لاءِ سنواتي بوند جي اُپما ڏيندي چوي ٿو تہ جئن سپ سنواتي بوند لاءِ واجهائيندي آهي تئن پريو مان تنهنجي مهر لاءِ نهاري رهيو آهيان، توکي ساري رهيو آهيان.

اوديا ۾ جو آهہ سو جيئن ڍڳو :

اوديا ۾ جڪڙيل جيو جي ڀيٽ ڍڳي سان ڪئي ويئي آهي. جئن ڍڳو پيو گهاڻي ۾ ڦهندو آهن تئن اوديا، اگيان ۾ ڦاٿل جيو بہ رات ڏينهن مايا موهہ ممت جي گهاڻي ۾ ڦهي رهيو آهي.

جئن سوڙهو آهي آهر جو ڏاڻو،
جئن سئي جو پاڪڙو نماڻو،
تئن ننڍڙو مڪتيءَ دئار،
ٿي نماڻو تہ پئين تون پار.

مڪتيءَ جي دئار لاءِ اَهر جي ڏاڻي ۽ سئيءَ جي پاڪڙي جي تشبيهہ ڏني وئي آهي، جئن اهي ٻئي ننڍڙا ۽ سوڙها آهن تئين مڪتيءَ جو دوار بہ سوڙهو آهي اُن ۾ اُهو پرويش ڪندو جو نماڻو ٿيندو.

روپڪ النڪار :

آنءُ تہ پڙهان، اِڪ قرب ڪتاب،

سر سنگيت جا ڪوڏيا هوندا هئا. سنتن درويشن جي ٻاڻي ٻڌي تلين تي ويندا هئا. پاڻ مالڪ جي محبت ۾ محو ٿي الستي مستيءَ ۾ ٻاڻي اُچاريندا هئا، تنهن ڪري سندن ڪاويه ۾ سنگيتاتمڪتا آهي.

لڪشڻا شڪتي :

دادا جي ڪاويه ۾ ڪٿي ڪٿي لڪشڻا شڪتي سماهت آهي. مثال پيش آهن :

جيون هي اٿيئي ٻيڙي،
مٿان بارڪٽين، اٿيئي ويري،
هلڪا هلڪا ته ويا تري،
پر ڳوڙا ڳوڙا پيا ڪري.

هن ڪاويه اَنش ۾ بار جو لاڪشڻڪ ارٿ چنتائون ۽ ايمان آهن، هلڪا جو لاڪشڻڪ ارٿ آهي نشچنت شخص ۽ ڳوڙي جو لاڪشڻڪ ارٿ اِهو منش جون چنتائن ۽ ايمان جي بار سان ڳتيل آهي. اُن منش جي جيون جي ٻيڙي وچي پار پهچندي جو چنتائن سنسن پرمن جي بار جو تياڳ ڪري سڀ ڪجهه ايشور کي ارپي اُن جي آسري ترندو، چنتائن ۽ ايمان وارو ماڻهو ٻڏي ويندو.

وينجنا شڪتي :

ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويه ۾ ڪٿي ڪٿي ويجنا شڪتي سماهت آهي. ساڌو واسواڻي اُنهن عالمن پنڊتن تي طنز ڪري ٿو جن ويدن شاسترن پڙهڻ کان پوءِ به پاڻ کين سڃاتو آهي. هو ڪوڙي مان شان پوئتان زندگي برباد ڪن ٿا. دادا جي مول لفظن ۾ :

پستڪ پرچا پڙهي پڙهي،
چا ٿيو جڳ جو مليئه مان؟
پاٺ ڪرين پيو ويد پران،
اُيمان وچي پيو لڙهي،
چا ٿيو کوليان تو ڪٽ شاستر،
پر کين کولي تو دري دري،
اکرن ۾ ائين اڙي اڙيِ،
ڪيئن پريتم جو تون پائين پان؟

جيو آتما ڪرمن انوسار جدا جدا جوڻين ۾ ڀوڳنا ڀوڳي ٿي. جيو آتما پڪاري ٿي تہ اي پريو! مان ڪرمن جا بنڌن ٽوڙي اچي توسان ملان. نت نماڻا نيڻ ڪڻي، ڳوڙها ڳاڙيندي هن پڃري جا بند ڀڃي، مڪت ٿي تنهنجي ڌام ۾ اچان. ان قسم جي اڇا ساتوڪ جيو آتما جي هوندي آهي.

ڇبرن جي سنگ ۾ جت ناهي جوتي،
جت چمڪي نہ گل
ڇبري جو پرتيڪ اگياني‌ءَ لاءِ آهي ۽ جوتي‌ءَ جو پرتيڪ گيان لاءِ آهي.

رس :

ساڌو واسواڻي سنت ڪوي هو تنهن ڪري سندس ڪاويہ ۾ شانت رس تہ آهي ئي آهي پر ساڻ ساڻ ويوگ شرنگار جو بہ پرپپاڪ ٿيو آهي.

ساڌو واسواڻي‌ءَ کي ورهہ جو ڪوي سڏجي تہ اُن ۾ وڌاءُ ڪين آهي سندس هڪ هڪ گيت ۾ سوز آهي، درد آهي، ورهي آتما جي پڪار آهي. هوُ شاعر پنهنجي ورهہ ويدنا جو ورڻن ڪندي چوي ٿو :

مندون موٽي آيون، تون نہ موٽئين هوت،
دم دم آهہ دل کي، لڳي تنهنجي چوٽ،
هاڻي موت منهنجا گهوٽ نہ تہ نوري ويندءِ وسامي
ڦٽ درد فراق جا ڪنهن کي سليان!
چوليون سوز غم جون ڪنهن ساڻ ڇلان!
موت ! اچي توسان ملان، نت نوري ويندءِ وسامي.

شاعر ساڌو واسواڻي‌ءَ جون اکڙيون محبوب جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ منتظر آهن. دادا پريتم کي پڪاريندي چوي ٿو :-

پون مينهن ڏاڍا دلڙي ويڳاڻي
قبوليندين ڪڏهن نڌرهي‌ءَ نماڻي.
آءُ نوري پڪن ۾.
دادا دلبر جي جدائي ۾ ڏاڍو ويڳاڻو آهي.

ڳايان، ٻجايان، اِڪ برهم رباب.

دادا جن چون ٿا تہ پريم روپي پستڪ پڙهان ٿو ۽ برهم روپي رباب وڄائيندي محبوب جا ڳڻ ڳايان ٿو، سک جا ساز وڄايان ٿو.

چت چور کي پڪڙي،

هاٽي چاڙهيو اٿس نام کي نوڪا.

ستگرو چت روپي چور ارٿات من کي پڪڙي نام روپي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڀوساگر مان پار پهچائي ٿو.

سمجهہ سان جيون ٻني تون سنڀال

جيون روپي کيت جي چڱي ريت سنڀال ڪرڻ گهرجي. اُن ۾ شڀ ويچارن جا ٻج پوکڻ گهرجن.

من هاٿي آهي، ڏاڍو چنچل،

من روپي هاٿي ڏاڍو چنچل آهي.

درشٽانت النڪار :

سائو ساڳہ ودر جو، ڀيلڻيءَ جا جوٺا ٻير،

ماکيءَ کان بہ سي مٺا، اءِ منهنجا شير!

هاڻ ڪر ڪين دير، آءٌ نوري پڪن ۾،

ودر ڀڳت ۽ شبري ڀيلڻيءَ جو درشٽانت ڏيندي پيارو دادا پرماتما کي وينتي ڪري ٿو تہ جئن تو ودر ڀڳت جو ساڳہ سک سان کاڌو ۽ ڀليڻيءَ جا جوٺا ٻير پريم سان اَنگيڪار ڪيا تئن تون مون مسڪين جي منت مڃي منهنجي اَڱڻ ۾ آءُ.

پرتيڪ : دا دا جي ٻاڻيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي سهج روپ ۾ پرتيڪن جو پريوگہ ٿيو آهي. مثال :

پڃري ۾ پيئي آهيان آنءُ مئنا،

روئان روز ويني، منگان رحم رينا.

تي آزاد پڃري مان اُڏامي اچان،

پڃي قيد ڪرمن جو تو وت نچان.

پڃري جو پرتيڪ شرير لاءِ آهي ۽ مئنا جو پرتيڪ جيو آتما لاءِ

ساڌو واسواڻيءَ گهڻو ڪري گيت لکيا آهن. اُنهن گيتن
۾ ليہ آهي، قافيہ (انتيانپراس) جو چڱيءَ ريت استعمال ٿيل آهي. هن
صاحب ڪجهہ سلوڪ بہ لکيا آهن ۽ ڪجهہ غزل بہ لکيا آهن. ساڌو
واسواڻيءَ ڇند شاستر جي نيمن يا علم عروض جي اصولن تي ڪاويہ
رچنا ڪين ڪئي، سهج سڀاويڪ نموني ڪاويہ روپيءَ ڌارا سندن مک
مان پرواهت ٿي آهي.

پياري دادا شري سڪمني صاحب، شري جپ صاحب ۽ شريمد
ڀڳوت گيتا سنڌي ڪوتا ۾ لکي سنڌي ساهتيہ جي هڪ طرف انوکي
شيوا ڪئي آهي تہ ٻئي طرف سنڌي جاتي سان وڏو وڙ ڪيو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ سنڌي نثر جا بہ گهڙا ڀريا. هن صاحب سنڌ جي
سنتن درويشن صوفين سماج سڌارڪن، ڀارت جي ڀڳتن، ديش ڀڳتن
سماج سڌارڪن تي قلم هلايو. هي صاحب وقت بہ وقت جدا جدا هنڌن
تي جيڪي اُپديش ڏيندو هو. پروچن ڪندو هوسي شيام اخبار ۾ شايع
ٿيندا هئا. پيڻ ستي تڏاڻي شيام اخبار جي سمپادڪا هئي. هوءَ سمرپت
ڀاوَ سان ساڌو واسواڻيءَ جي شيوا بہ ڪندي هئي. هوءَ ڏاڍي شرڌا سان
دادا واسواڻي جا امولہ وچن نوٽ ڪري شيام ۾ پرڪاشت ڪندي
هئي. ساڌو واسواڻيءَ جا اُهي ڪيترائي اُپديش سنت مالها ۾ ڪتابي
صورت ۾ شايع ٿيا. پيارو آتم واسواڻي آتش ورو اِنسان ان سنت مالها
جو سمپادڪ هو. هوءَ دادل شاهہ جي دربار جو هڪ نماڻو سمرپت سيوڪ
هو. هوءَ شرڌا ڀاونا سان هر مهني دادا واسواڻيءَ جو ڪونہ ڪو ڪتاب
ڇپائي شايع ڪندو هو. هن وقت سندس ڏرمپتني پرنسيپال رتنا
واسواڻيءَ سنت مالها جي سمپادڪا آهي اُن نموني ساڌو واسواڻيءَ جا
سوين سنڌي ڪتاب پرڪاشت ٿيا. مثال سنت ڪبير، سنت گيانيشور،
بلو پيارو، ميران ٻائي، سنت سورداس، سچل سرمست، صوفين جو
سرتاج، شاهہ لطيف، سنت رامڪرشن پرم هنس، رحب ...
ڪارام، دادوديال، سوامي رام تيرٿ، چتر شالا گرونانڪ جيون ڀڳوان
شري ڪرشن جون ليلائون، پرڀو شري رام - شري گوتم ٻڌ وغيرهہ انهن
مهاپرشن، اوتارن جي جيون جو ذڪر ڪندي سندن ويچارڌارا ۽ فلاسافي ۽

Reference LIBRARY

پنهنجي ويوڳ اوسٿا جو ذڪر ڪندي دادا چوي ٿو:

تو ٻن راڻا ! آنءُ ٿي، وتان وياڪل ويڳاڻي،
اُڇايل آنءُ گهايل، ڪيو درد ديواني.
نوري نور نوراني، نهاري ٻوءِ مران.

ڪاويه ڀاشا :

ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي ڪاويه ۾ سرل سهڪ سنڌي ڀاشا جو پريوڳ ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي سرائڪي سنڌيءَ جو استعمال پڻ آهي. ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي نثر چاهي نظم ۾ هڪ بداران اِڪ استعمال ڪيو آهي. هو جئن پنهنجي وياکيانن ۾ ڪي لفظ ور ور دهرائيندو هو تئن ڪاويه ۾ به ڪي لفظ دهرايا آهن. ڪن لفظن کي وڌيڪ ميناج وارو بڻائڻ لاءِ لفظن جي روپ ۾ پڻ ڪٿي ڪٿي ٿوري ڦير گهير ڪئي آهي : سندس ڪاويه ۾ تتسم ۽ تدڀو لفظن جو پريوڳ ٿيو آهي ته ڪٿي عربي فارسي ۽ هندي لفظن جو پڻ استعمال ڪيو آهي، ڪي مثال پيش آهن:

تتسم لفظ :

گرڌاري - ڪنت - نرنجن - گيان - انترمکي - بهر مکي تد روپ - آتم ڌياني - امرت - نرليپ - ڪنٺ چڪر - سهسر نام - درشن - پنڊت - پورب پشچم.

تدڀو لفظ :

جڳ جڳ - ڪلجڳ - اننتن - پران - جڳ - جوت - چرن - کانڊ - ڀڳتي - بيراڳي - پريتم.

هندي لفظ :

بتائي - اولٽ بئنلت - سنت - دودن - ڪي - ديکت.

سرائڪي :

تنادي - نينهن دا - اکڙيان - سڏاوڻ - نهاوڻ - منجهاوڻ - سڻاوڻ - وڃاوڻ - ويڪا، دلدي - ميڏا - تيڏا وغيره.

عربي فارسي :

خدا حافظ - شب روز - آب - توفيق - پيغام - ساقي - گوش.

ڪاويه روپ :

جن دم ۾ دور ڪي انڌڪاري.

ڪوي گروءَ جي چرڻن جي مٽي سان اشنان ڪرڻ چاهي ٿو سندس دل ۾ گروءَ لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا هئي.

گرو چرنا ڌولي ڪرون اشنان

ستگرن ئي ڪيس اگم ديش جي راهہ ڏيکاري :

پت اگم ڪي راهہ بتاٺي،

دادا واسواڻيءَ ستگرو کي سروَوياڪ ۽ پرم پوتر سمجهي ٿو :

ستگر ميري سروَ وياپ

نه ڪلنڪ نرمل نشپاپ

ساڌو واسواڻيءَ برهم جيو جڳت مايا بابت پنهنجا دارشنڪ ويچار هندي ڪاويہ ۾ پيش ڪيا آهن. سندن ويچار موجب هر هنڌ ۽ انتڪرڻ ۾ اُن هڪ برهم جي جوتي پرڪاش آهي.

جَل ٿل سورج چاند اور تاري

اِڪ جوت جڳي الک آسماني

سوئي انتش وچ دل مندر،

ديکت نوري هئي مستاني.

هرهنڌ هر جيوَ ۾ هڪ برهم وياپڪ آهي.

ايڪ صاحب سڀ ۾ جان.

شنڪر آچاريہ جيان ساڌو واسواڻيءَ هڪ برهم ستيہ ۽ جڳت مٿيا جو سمرٿن ڪندي فرمائين ٿا :-

سگل پسارا جهوٺ جهوٺ

اِڪ نام سچو اڪ نام نهار

ساڌو واسواڻيءَ جي ويچار موجب جيوَ برهم روپ آهي هوُ انساني روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي.

آدم آدم بن ڪي آيا

پائي پائي چولو انساني

جيوَ پنهنجي آتم سوروپ کي ڀلجي ديهہ کي سچو سمجهي ڀرمن ۾ ڀٽڪي رهيو آهي.

تي بہ دادا واسواڻي روشني وڌي. برهميلن ٿيڻ بعد دادا سندن شبدن ۾ ساڌو واسواڻي پنهنجي آتم ڪٿا بہ لکي جا سنڌ ۾ پرڪاشت ڪئي ويئي. سندس ٻيا بہ ڪي ڪتاب قابل ذڪر آهن رشين جو آواز - روحاني زندگي رشين جي روشني وغيره. دادا واسواڻيءَ سنڌي سنت ساهتيہ سرجن ڪري ڪيترن ساڌڪن جي راهہ روشن ڪئي سنت ساهتيہ امر ساهتيہ آهي اُن جي دائمي اهميت آهي.

ساڌو واسواڻيءَ اونهو اڀياسي هو. سندس تصنيفن مان سندس اونهي اڀياس جو عڪس ملي ٿو سندس دارشنڪ ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. سندس لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ بہ نرالو هو.

ساڌو واسواڻيءَ انگريزي جو بہ عالم هو. هن انگريزي ۾ بہ نثر ۽ نظم ۾ ڪيترا ناياب ڪتاب لکيا آهن. سندس انگريزي تصنيفون اڄ بہ اسانجي سونهپ ڪن ٿيون سندس لکڻيءَ ۾ رواني آهي هن صاحب شريمد ڀڳوت گيتا تي جيڪا انگريزيءَ ۾ ٽيڪا لکي آهي ساقابل آهي. انگريزي ۾ سندس لکيل سنتن جون جيونيون بہ قابل ذڪر آهن.

ساڌو واسواڻي هنديءَ ۾ بہ ڪجهہ ٻاڻي لکي آهي جنهن مان سندن ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي اهي گيت نوري گرنٿ ۾ سنگرهہ ٿيل آهن. ڪوي گروءَ جي مهما ڳائيندي لکيو تہ مونکي ستگرن ئي سرير، آتما جيوَ جڳت برهم ۽ مايا جو گيان ڏنو.

پوري گرني ڀيد بتايا
کولي سروپ سهج سمجهايا.
آتم روپ مئن ني پايا.

گروءَ ئي منهنجي من مندر ۾ گيان جي جوت جڳائي انڪري اندر مان اگيان روپي اوندهہ دور ٿي ويئي.

اُسني دل ۾ ديپڪ جلايا
اگيان انڌيرا اندر ڀڳايا

ڪويءَ گروءَ تان واروار بلهار وڃي ٿو جنهن سندس اوديا اوندهہ ٽاري

دم دم گُر پر مئن بلهاري

بن سمرڻ نه ڦل تپسيا دان
رام نام هي نوَ نڌي
رام نام نوَنڌان
رام نام جيون جو پرڪاش آهي
رام نام جيون جيوتي.

ساڌو واسواڻي پنهنجي هندي ڪاويه دواران ساڌڪ کي انتهه ساڌنا لاءِ پريرت ڪندي چوي ٿو :

ڪڙڪي ڪول ديک ديدار
اندر مڪا، اندر ڪاشي
ڪبون تو ٻڪو تيرٿواسي،
اندر گنگا، اندر جمنا
اندر راما، اندر شياما
اندر گرنٿ اندر گياني
اندر امرتسر ڪا پاني
اندر سنڌو هئہ هردوار
اندر ٺاڪر ڪا دربار
گپت غفا ۾ موري ساجن راجي
ميري موهن سوهن بينا باجي،
نوري نماڻي ڪر قرباني تؤ اندر جا
جانب جلوو، ساجن تجلو تو پيتر جا.

ساڌو واسواڻيءَ پريم جي مهما ڳائيندي فرمائين ٿا تہ پريم ئي پرماتما آهي پريم تي پوڄا اُپاسنا آهي :

پريم ئي پريتم، پريم ئي پوڄا،
پريم بنا ناڪو ٺاڪر دوجا
پريم هي جيوتي ساري جهان
پريم هي گيان پريم هي پُران
پريم هي ويد، انجل قران،
پريم هي شاستر گيتا گيان.

پٽڪ رهي ڪيون جنم جنم ۾
اب ڇوڙ پياري راهہ پريشاني

هي سوني جهڙو سرير بہ مايا جو کيل آهي. جئن پاڇي جي ڪا
هستي ڪين آهي. تئن جڳت جي پدارٿن جي بہ هستي ڪين آهي
سڀ ناسونت آهن.

ڪنچن ڪايا سڀ يهہ مايا
آيا گنوايا سڀ يهہ ڇايا
ساڌو يهہ ديهہ ٺاٺ تنيري ڪا
باجت باجت ٽوٽي تار
ڪهان بُڌ گئي ڪهان ويچار
سگل پسارا ڪوڙ هي ڪوڙ

جڳت جي نشور تا بيان ڪندي ساڌو واسواڻي چيو :

جڳ سارا فاني فاني
دودن ڪي هئہ مزماني
جڳ سارا پياري اِڪ ڪن ڪا ڪيلا
فاني سڀ فاني پنڪي جاءِ اڪيلا

مالڪ جي مشاهدي ماڻڻ سان مڪتي ملي ٿي نہ

ڪاٽي ڪاٽي جم ڪي ڦاسي
جب موري گهر ساجن آءِ.

ڪوئي ساڌڪ کي نام سمرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

سمرسمر پاءِ سک ساچا
سمر سمر سڀ سنڪٽ جاءِ
نوريءَ گوبند گاءِ منا
سمر سمر سڇکند توُ پاءِ

سمرڻ جو مهتو بڌائيندي ڪوي چوي ٿو:

گنگا جمنا تيرٿ اشنان
سڀ ورتا ڪرتو جان
نوري گوبند گاءِ منا

پرماتما کي پرارٿنا ڪندي چوي ٿو :

ديک نہ ميري اوگڻ پياري درشن ديجي ديدار
اوگڻ ميري نہ کهيا جاءِ جئسي تارا بيشمار
دوار تمهاري آئي آج
نڌر اڌم ڪي توئي لاج.
جتني لهرا ساگر، اُتني من ڪا وڪار،
اگڻت موري اپراڌ گگن بيچ جتني تار.

ساڌو واسواڻيءَ اگياني جيوَ کي اوديا جي ننڊ مان جاڳرت ڪندي چوي ٿو :-

سک ساگر ۾ آئکي، مت جائو ري پياسا پياري،
نج سک نرمل سوئي پاوي جو من ڪو ماري ماري
اُٺ جاڳ پياري ! جپ نام سويلا پي پي پياري امرت ويلا
غفلت چوڙا ديک سنتن ميلا جگ سين جاوت اِڪ اِڪ اڪيلا

ساڌو واسواڻي ڀڳت ڪوي هئا. سندن هندي ڪاويہ ۾ سهج ڪن النڪارن پريوگ ٿيو آهي.

دادا واسواڻيءَ پريم روپي پشپن سان شري ڪرشن جي پوڄا
ڪرڻ چاهي ٿو :

ڪئسي ڪرون موري ڪنعيا تيري پوڄا!
پريم بنا نا پشپ ڪو دوجا
نا ڪوئي پوٿي ناڪوئي پستڪ جانوَ
پريم بنا نا ڪوئي گرنٿ پڇانوَ

ڪوي سنتن جي مهما ڳائيندي ساڌڪ کي سنتن جو سنگ
ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

جاگو ! جاگو! موري پياري جاگو،
سنت جناڪي شرنا لاگو،
سنت جناڪي شيوا شيوا
يهه هئہ جيون ڪا مکيہ ڪام
سنت جنا ڪا پڪڙو پئرا،
سنتن چرنا سو پاٿو وشرام
سنت جناڪي سنگ نواس
گائو گائو نرمل نام!

ساڌو واسواڻي ڀڳوان شري ڪرشن جو ڀڳت هو. هو شري شيام
سندر جي درشن جو پياسي هو. هوُ بانڪي بهاريءَ کي وينتي ڪري ٿو :

بار بار ڪرون وينتي ميري گهر موهن آءِ
ڌن دولت ڪڇو نا مانگو اپني ڀڪتي لاءِ.

ڪويءَ شيام سندر جو درشن ڪندي پاڻ کي خوش نصيب
سمجهي ٿو :

آج موري گهر گهنشيام آيو،
مئن تو سياڳي ساجن درشن پايو.
اکڙيان آلي، مک وچ مرلي
جمنا جيوتي موري گهر آئي،
چت چورني بنسي بجائي.

ساڌو واسواڻيءَ جي هندي ڪاويہ ۾ داسيہ ڀاونا بہ آهي ه

ٻڌجي سگهي ها! پر پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي آسيس ۽ سونهپ سان هي صاحب جڙوادي وگياني تہ ٿي سچو وگياني ٿيو. وگيان جي معنيٰ آهي وشيش گيان، آڌياتمڪ گيان ئي سچو گيان آهي. اِهو گيان ستگرن سنتن جي سنگ ۽ سيوا ڪرڻ سان پراپت ٿئي ٿو. پيارو دادا جشن سوڀاڳيہ شالي هو جو گهر ۾ ئي کيس گرو دادا واسواڻي مليو. هي صاحب ڪاليج ۾ پڙهندي ايپاس ڪندي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي چرڻن ۾ ويهي سندن شيوا ڪندي سندن ڪرپا جا ڪرڻا جهٽيندو رهيو. اڄ هي پيارو اسانجو روحاني راڻو پنهنجي پروچن، سکيائن ذريعي لکن لوڪن جي سونهپ ڪري رهيو آهي.

سنہ ١٩٣٩ع ۾ پيارو دادا جشن سڀ عهدا اقبال ڇڏي سمرپت ڀاوَ سان گرديو ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي سنگ ۽ سيوا ۾ رهيو. هوُ گرديو سان گڏ جدا جدا شهرن ۾ رٽن ڪندو رهيو. ستگرو جي سنگ سيوا ۾ کيس روحاني رنگ لڳو. دادا ساڌو واسواڻي جنهن وقت پروچن ڪندا هئا تہ پيارو دادا جشن سندن گيان جا گفتا لکندو هو. گرديو جي سنگ ۾ رهي هن ڪيترو نہ پرايو ۽ هنڌايو.

ديش جي ورهاڱي سبب پيارو ڀائو جشن گرديو ساڌو واسواڻيءَ سان گڏجي ١٦ نومبر ممبئيءَ ۾ آيو. فيبروري سنہ ١٩٤٩ع ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ پونا ۾ اچي ستسنگ سيوا جي جوت جڳائي. ڀائو جشن بہ سندن سيوا ۾ سڪريہ رهيو. دادا ساڌو واسواڻيءَ ميران يوميءَ ۾ ڀهرين ميران اسڪول شروع ڪيو ۽ نت نيم صبوح شام جو ستسنگ دواران نام جو سنديش ڏنو. ڏيري ڏيري ميران يوميءَ ۾ ڪيترائي خلق خذمت جا ڪاريہ شروع ٿيا، جنهن ۾ ڀائو جشن ۽ دادا گنگارام ساجنداس تمام سڪريہ رهيا. پيارو ڀائو جشن انگريزيءَ ۾ ايسٽ ويسٽ مخزن جو سمپادن شروع ڪيو. جنهن ۾ ساڌو واسواڻيءَ جاليک اُپديش ۽ ٻين سنتن جا ليک پرڪاشت ڪندو هو. کيس آميريڪا جي انٽرنئشنل آئڪيڊميءَ سندس لکيل انگريزي ڪتاب دي اسٽوري آف سمپل مئن تي ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي آنرري ڊگري عطا ڪئي پر جنهن کي نام جي ڊگري ملي سو سنساري ڊگرين کي ڇا ڪندو!

پريم ۽ ديا جو اوتار دادا جشن واسواڻي

پوڄيہ دادا جشن واسواڻي سنڌين جي سونهاري سنت داد
ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جا روحانيءَ وارث آهن. دادا جن سوامي
وويڪانند، سوامي رام تيرٿ، ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جيان پنهنجي
گيان گريت پروچن دواران وديشين کي بہ مگڌ ڪري ڇڏيو آهي. هن
سونهاري سنت ڀارت جي رشين منين ۽ گرديوَ ساڌو واسواڻيءَ جو سنديش
سنسار کي سڻايو آهي. سندن جنم ٢ آگسٽ سنہ ١٩١٨ع ۾ حيدرآباد
سنڌ ۾ شري پهلاجراءِ واسواڻي جي گهر ۾ ٿيو. شري پهلاجراءِ ساڌو ٽي
ايل واسواڻيءَ جو چاچو هو. شري پهلاجراءِ گيانوان، ودوان، تعليمدان ۽
دياوان هو. پياري دادا جي ماتا ڪرشنا شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي
ڀڳتياڻي هئي. گهر جي ڀڳتي ميہ واتاورڻ ۾ ٻالڪ جشن جو پالن پوش
ٿيو. کيس شڀ سنسڪارن جي سمپتي وڏڙن وٽان ملي. ٻالڪ جشن
ننڍپڻ کان پڙهڻ ۾ پروين ۽ تيزفهم هو. اسڪول ۾ ڊبل پروموشن ڪڻند
هو. ١٣ سالن جي ننڍي عمر هن مئٽرڪ امتحان پاس ڪري سنڌ ۾
رڪارڊ ٽوڙيو. انکري ۽ کيس ڪيترائي انعام مليا. هوُ اعليٰ تعلي
حاصل ڪرڻ لاءِ ڊي جي سنڌ نئشنل ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هوُ پرتيي
سهين وديارٿي هو، انکري ڪاليج جا پرفيسر ۽ پرنسيپال کيس ڏاي
پائيندا هئا. ١٧ سالن جي ننڍي عمر ۾ هن بي ايس سي پاس ڪئي
ساڳي ڪاليج ۾ فيلو ٽي ڪم بہ ڪيو. ساڻ ساڻ ايم ايس سيءَ ج
ابياس بہ جاري رکيو. ١٩ سالن جي عمر ۾ هن صاحب ايم ايس سي
جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ پهريون نمبر آيو. اِها سنڌي
جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهہ هئي. هن فزڪس ۾ ايڪس ري وشيہ تي کو
ڪري مقالو لکي سڦلتا حاصل ڪئي. دادا جشن چاهي ها تہ وگيان جي
کيتر ۾ نيون نيون کوجنائون ڪري وشوَ جو وڏو وگياني بڻجي سگهي
ها. چاهي ها تہ آ. سي. ايس امتحان پاس ڪري ڪليڪٽر - ڪمشن

- پيارو دادا جشن آهي شيوا جي مورت. ١٢ جولاءِ ١٩٦١ع ۾ جڏهن پونا ۾ ٻوڏ پيئي تڏهن هن پياري دادا جي آگيا سان ڪيئن نه پاڻ ٻين، ستسنگين سان گڏجي ٻوڏ جي ستايلن جي سهائتا ڪئي.

- جنوري ۽ جو مهنو هو. پونا جي ميران يوميءَ ۾ دادا واسوائي جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ جاڳرتي ستسنگ تي رهيو هو. ڪي پريمي راڌ رات جو پوريون تيار ڪري رهيا هئا. دادا جشن ستسنگ ۾ وينو هو، اوچتو هڪ بجي رات جو اُٿان اُٿي وراندي ۾ آيو، جتي ٻئي ڏينهن جي لنگر پرساديءَ لاءِ پوريون تيار ٿي رهيون هيون. پيارو پاڻ پوريون ترڻ وينو. ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ وري پاڻ سان هڪ سؤ ڪن ڪمبل کڻي انڪل ٢ بجي رات جو نڪتو، پونا جي فوٽ پاٿن تي سمهيل سيءَ ۾ ڏڪندڙ، اناٿ بيواهن کي ڪمبل وجهڻ لاءِ! ڪيڏي نه ديا هن جي دل ۾ دريدرن دکين لاءِ آهي. هو ڪروڻا جو روپ آهي.

- گجرات ڪڇ ۾ ڀوڪمپ ٿيو ته دادا جشن هڪدم هيلڪاپٽر ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم وٺي گانڌيڌام ۾ زخميلن جي علاج لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ شروع ڪئي. آديپور ۾ ساڌو واسوائي نگر ٺهرائي سون پيڙتن کي نوان اجها ڏنا، اُنهن جي وقتائتي مدد ڪئي.

- لاتور ۾ ڀوڪمپ ٿيو ته اُتي ٻه دادا جن ڀوڪمپ پيڙتن کي نوان گهر ٺهرائي ڏنا.

- دادا جشن ور ور ڪري سنگت کي اپيل ڪندو آهي ته پکين پسن کي ماري لقمو نه بڻايو. انهن تي ديا درشٽي ڪريو. جيو ديا جي جوت جڳايو. دادا جشن مسڪينن، محتاجن، دکين ۽ دريدرن ۾ داتار جو درشن ڪري ٿو.

- پيارو دادا جشن رڌي سڌيءَ جو مالڪ آهي، پر اُن ڳالهه جي ڏيکاري اصل ڪين ڏيندو آهي. ستپرش سديوُ ڳجهه ڳوهه ۾ هُنديندا آهن. هڪ دفعي مان پوني مان واپس سنڌونگر ۾ گهر آيس. اُن وقت منهنجي هڪ عزيز ييڻ آيل هئي، جنهن کي ڪيترن مهنن کان هٿن ۾ ڪو مرض هو. هن ڪيترائي ڊاڪٽر ڀيٽيا هئا، مگر ڪٿين فرق ڪين ڪيو. مون کيس پياري دادا جشن وٽان مليل ڦل ڏيندي چيو، تون هي

ساڌو واسواڻيءَ جي پريرڻا ۽ آسيس سان ميران يوميءَ ۾ ميران گرلس ڪاليج برپا ٿيو. دادا واسواڻيءَ پنهنجي پرم پياري پائو جشن کي آگيا ڪئي تہ هوُ ڪجهہ وقت ان ڪاليج جو پرنسيپال ٿي ٻالڪين جي رهبري ڪري. گرديو جي آگيا اکين تي رکي. پياري پائو جشن ميران ڪاليج جو پرنسيپال ٿي، ٻالڪين ۾ پرارٿنا، پوترتا، سيوا، سنيهہ، ساهنيوتي سادگي سنيم ستيہ جا ٻج ڇٽيا ۽ کين ڀارت جي رشين منين جو سنديش سڻايو. پياري پائو جشن ڪاليج ۾ گيان جي گنگا پرواهت ڪري ٻالڪين کي نہ صرف پستڪن جو گيان ڏنو. پر جيون لاءِ راهہ روشن ڪئي. ميران اسڪول جون ٻالڪائون پرنسيپال جشن واسواڻيءَ جو وياکيان ٻڌڻ لاءِ منتظر هونديون هيون.

پيارو پائو جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي خدمت ڪرڻ لاءِ هر وقت هڪيو حاضر هوندو هو. رات جو گرديو کي پيرڙون ڏئي آرام ڪرائي پوءِ پاڻ آرام ڪندو هو. هوُ رات جو ننڊ ڦٽائي گرديوَ جي پرگهور لهندو هو. دادا جشن پنهنجي جيون ۾ گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن جي ساکي ڏني آهي. سندس من ۾ دادا واسواڻيءَ لاءِ اٿوت يڳتي ڀاونا ۽ شرڌا آهي. دادا بہ کيس ڏاڍو پائيندا هئا. هڪ دفعي دادا واسواڻي چيو تہ پيارو جشن آهي منهنجي ڳوڙهن ۽ پرارٿنائن جو ٻالڪ. منهنجي دل اندر هن پياري واسطي ڪيڏو نہ پيار آهي. هن پياري ۾ ڪيترين ئي شڪتيون ۽ گڻ آهن. اوهين جيڪر انهن شڪتين جو فائدو وٺڻ جو يتن ڪريو. هن پياري جي دل اندر غريب آهي نندڙن وڏڙن غريب دکين لئہ عجيب پيار آهي.

وشوَ جي مهان ويوتي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ ١٦ جنوري سنساري سفر پورو ڪري برهملين ٿيا. سندن روحاني وارث پياري دادا جشن واسواڻيءَ پنهنجي گرديو جي پونجي کي وڌايو آهي. يعني ستسنگ ۽ سيوا جا ڪاريہ وڌايا آهن. هن ميران يوميءَ کي ڪرم يومي ۽ پريم يوميءَ بڻائي ڇڏيو آهي. هن سنت سُڄان پنهنجي يڳتي ساڌنا رهڻي ڪهڻيءَ سان هزارن دلين تي جادو لڳايو آهي. منجهس مقناطيسي ڇڪ آهي. هوُ پريم ديا نمرتا سادگي سيوا جي ساکيات صورت آهن.

وچي هزارين ستل لوڪن کي سجاڳ ڪري پريوءَ جو پيغام ڏيئي رهيو آهي، پارٿيه سنسڪرتيءَ جو سنديش ڏيئي، راهه روشن ڪري رهيو آهي.

دادا جشن تي ديش کي فخر آهي. هي صاحب ڀهريون پارٿيه آهي جنهنکي آمريڪا ۾ يوٿانٽ شانتي پرسڪار سان سنمانت ڪيو ويو. پياري دادا جشن جو درشن ڪري ۽ وچن ٻڌي دل باغ بهار ٿئي ٿي. هوُ نه صرف ڀارت جي مگر وشو جي مهان وڀوتي آهن. ڏهه سال اڳه داس کي فرئڪچر ٿي پيو. پياري دادا جن کي اها خبر پئي ته داس لاءِ ميران ستسنگ ۾ پرارٿنا ڪيائون وري اسپتال ۾ مون سان ۽ منهنجي پتني لاج سان فون تي ڳالهائيندي آٿت ڏنائون. ٿن ڇئن مهنن بعد ۴ نومبر منجهند جو اوچتو داس جي سار لهڻ لاءِ گهر هينان خاص الهاسنگر ۵۰ ۾ آيا ۽ اچي ڪيڏي نه عنايت ڪري آسيس ڪيائون. داس جي دل ڀرجي آئي ته پيارا دادا ڪيڏي نه ديک پال ڪن ٿا ۽ پنهنجو پيار پيئارن ٿا.

مان جڏهن به پونا ويندو آهيان ته ڀهرين دادا واسوانيءَ جي سماڌيءَ تي نت مستڪ ٿي. دادا جي ڪٽيا ۾ به نمسڪار ڪري پياري دادا جشن جو درشن ڪندو آهيان ۽ پوءِ ٻي پاسي ويندو آهيان. هڪ دفعي داس کي پونا يونيورسٽيءَ ۾ امتحان جا جوابي پيپرس ڏيڻا هئا. مان ڀهرين پونا اسٽيشن تي لهي ميران پوميءَ ۾ ويس. سماڌي آسٿان تي متي دادا جي ڪٽيا ۾ پرڻام ڪيم ۽ پوءِ دادي ستيءَ کان پڇيم ته پنهنجو پيارو دادا جشن ڪٿي آهي؟ دادي ستيءَ چيو ته دادا جشن اڄ آرتي بنگلي اونڌ ۾ ويو آهي. مان ڏاڪڻ لهي جئن هيٺ لٿس ته دادي ستيءَ مٿان مونکي سڏيندي چيو ته پٺي پلائي دادا جشن وٽ نه وڃجو. اسان کي سخت منع ٿيل آهي. منهنجي دل دادا جشن ڏانهن ڇڪجي ويئي. مون سوچيو ته پونا يونيورسٽيءَ ۾ ته ڪنهن مهل به وڃي سگهان ٿو. ڀهرين پنهنجي ڀرين کي پسان پوءِ ٿو يونيورسٽيءَ ۾ وڃان. مان بس ۾ چڙهي سنڌي سوسائٽيءَ ۾ پهتس ۽ پڇا ڪئي ته آرتي بنگلو ڪٿي آهي؟ ڪنهن ڏس ڏنو جيڪڏهن شارٽ ڪٽ وڃڻ چاهيو

دادا جشن جو پرساد کائڻ تہ تنهنجو دک دور ٿيندو. اُن پيڻ وشواس رکي اُهو ڦل کاڌو. ٻن ڏينهن کانپوءِ مرض مان شفاياب ٿي وئي.

دادا جشن جي دل ديا جو ڀنڊار آهي. هو ٻين جو دک پنهنجو ڪري سمجهندو آهي. هڪ دفعي دادا ورلي بمبئي کان ڪار ۾ لنگهي رهيو تہ سندس نظر پکين جي پڃرن تي پيئي. ڪو شخص اُهي بند پيل پکي پڃرن سوڌا وڪڻي رهيو هو. دادا هڪدم ڪار روڪائي هيٺ لٿو ۽ اُن شخص کان سڀ پکي خريد ڪري بروقت ئي اُنهن پڃرن جا در کولي سيني پکين کي اُڏائي آزاد ڪيو.

پياري دادا جشن اُتي چيو تہ پريوءَ پکين کي پر ڏنا آهن اُڏامڻ لاءِ، مگر اسين پنهنجي سوارٿ لاءِ کين قيد ڪريون ٿا. ڪي وري اُنهن گگدام پکين کي ماري کائين ٿا. اُهي پکي بہ پريوءَ جو روپ اٿو. اُنهن پکين کي بہ پيار ڏيو.

پيارو دادا جشن پيار جي پرتيمورتي آهي. هڪ دفعي مان امتحان جي ڪم سانگي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ويئو هوس. اُن ڏينهن پيارو دادا جشن بمبئي ۾ رهيل هو. اوچتو اُن وقت منهنجو خيال ڪجي ويو پياري دادا جشن ڏانهن. کين دل سان ياد ڪيم ۽ سندس درشن لاءِ پياس بہ پيدا ٿي، مگر يونيورسٽيءَ جي ڪم سبب مان وڃي کين سگهيس. جڏهن رات جو سنڌونگر ۾ گهر آيس تہ منهنجي ڌرمپتني لاجونتيءَ چيو تہ دادا جشن توهان لاءِ ڀائي نانڪ هٿ پرسادي موڪلي آهي. ڀائي نانڪ اسان جي گهر جي ويجهو رهندو هو. مون هڪدم اُن کي گهرايو کانئس، پڇيو تہ پيارو دادا جشن توکي ڪٿي ۽ ڪڏهن ڏ ڏيو ۽ منهنجي لاءِ توکي پرساد ڪيئن ڏنائين؟

شري نانڪ وارڻيو، دادا جشن اڄ منجهند جو ڪار ۾، دربار ۾ ڳڏيا. مون کين چيو تہ مان ديال آشا جي گهر پرسان سنڌونگر ۵ ۾ رهندو آهيان تڏهن دادا جشن تو لاءِ پڇيو ۽ تو لاءِ پرساد بہ ڏنو.

ساڳيو ڏينهن ساڳيو وقت، مون پياري دادا جشن کي ياد ڪيو. سنت ستپرش دلين جا ڄاڻو آهن، ڪيڏو نہ پيار ۽ همدردي ڏين ٿا.

پوڄنيہ دادا جشن واسواڻي ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾

بہ ساٹس وچڻ لڳس تہ مونکي روڪيندي چيائون تہ پيارا تنهنجي بس
اچڻ واري آهي. تون پلي بس اسٽاپ تي وڃي ويھہ. منهنجو پرين اُس
۾ پنڌ ڪري داس لاءِ گرم ڪاڏو ڪٽي آيو. ڪيڏي نہ سندن عنايت جو
هڪ نالائق نوڪر تي نيهن جي نوازش ڪيائون. سال گذري ويا آهن پر
اڄ بہ اُهو نظارو اکين اڳيان تري رهيو آهي.

پوڄنيہ دادا جشن واسواڻي ديش وديش جي جد جدا شهرن ۾
وڃي هزارين ستل لوڪن کي سجاڳ ڪري پريوءَ جو پيغام ڏيئي رهيو
آهي، ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جو سنديش ڏيئي، راهہ روشن ڪري رهيو
آهي. دادا جشن تي ديش کي فخر آهي. هن صاحب دنيا جي جدا جدا
ملڪن ۾ وڃي اَمن ۽ پيار جو پيغام ڏنو آهي. پوڄنيہ دادا جشن اَهہ
منهنجي روح جو راڻو سد سد نماڻو نينهن وارو، منهنجي اکڙين جو
تارو، جيءُ جو جيئاريو. داس جڏهن بہ سندن ذڪر فڪر ڪندو آهي. تہ
اکڙيون از خود آليون ٿي ويندڀون آهن. اَمرت وچن ٻڌي مانسڪ
چڪتاڻ بہ دور ٿي ويندي آهي. هوُ نہ صرف ڀارت جي مگر وشوَ جي
مهان ويوتي آهن.

دادا جشن واسواڻيءَ ۽ پياري بابا گنگارام ساجنداس ساڌو
واسواڻيءَ جي شيوا ڪارين جو وڪاس ڪيو آهي. سندن پرشارٿ سان
ساڌو واسواڻيءَ مشن طرفان دان داتائن جي سهيوگ سان پونا ۾ ساڌو
واسواڻيءَ انلئڪ ٻڌراڻي هاسپيٽل ۽ ٻڌراڻي ڪئنسر ريسرچ سينٽر، بابا
گنگارام هارٽ سينٽر، پرنسيپال ڪي. ايم ڪندناڻي آءِ سينٽر برپا ٿيا
آهن. جن مان هزارين دکي شفاياب ٿي رهيا آهن. پياري دادا جشن
جي دل ۾ دکي لوڪن لاءِ درد آهي، همدردي آهي. هوُ پاڻ وڃي
مريضن جي سنڀال لهندا آهن. هوُ ٻين جو دک پنهنجو دک سمجهي
ان کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندو آهي. لاتور ۾ ڀوڪمپ ٿيو تہ دادا جن
هڪدم اُتي سهائتا شيوا ڪاريہ شروع ڪرايو. ڀوڪمپ پيڙتن کي گهر
ٺهرائي ڏنا. ڪڇ ۾ ڀوڪمپ ٿيو تہ دادا جن پاڻ هليڪاپٽر ذريعي
آديپور گانڌيڌام ۾ تتڪال علاج لاءِ آپريشن ٿيئٽر شروع ڪيو ۽ سهائتا جو
هٿ ڊگهيڙيو. ڪجهہ وقت بعد سنا مڪان ٺهرائي سوَن کي سهڻا گهر ڏنا

تہ وچ تي پاڻيءَ جي ڪسي اٿو نہ تہ ٻيو رستو بہ آهي. مان ڇيو سهڻي ميهار لاءِ اڌ رات جو درياهہ پار ڪري ملڻ ويندي هئي. هيءَ تہ ڪسي آهي. مان ڪسيءَ وارو رستو وٺي پيرن ٻوڙ پاڻي ٽپي ويمُ آرتي بنگلي تي پهتس ۽ ڪڙڪايم تہ هڪ وڏو ڪتو ڀؤنڪيندو سامهون آيو. مان ڇرڪي ويس. وري در جو بيل وڄايم تہ نوڪر نڪري آيو. مان اُن کي ڇيو تہ مونکي دادا جو درشن ڪرڻو آهي!

دلبر جو در کليو. وچي ورانڊي ۾ وينس. منهنجا منڙا محبوب دادا جشن ٻاهر آيا. سندن درشن ڪندي اکڙيون ٺري پيون. دل باغ بهار ٿي پيئي. اُن وقت پياري دادا داس کان حال احوال پڇيو ۽ کاڌي کائڻ جي آڇ ڪئي. مون کين وينتي ڪئي تہ صبوح جو ڪاليج ۾ پاڙهي ٽرين ۾ چڙهي پونا پوميءَ ۾ نت مستڪ ٿي اوهان وٽ آيو آهيان. منجهند جي روٽي لاچ ٿاهي ڏني آهي. مان تہ اوهانجي پيار جو پياسي آهيان. دادا جن مونکي ميوو پرساد روپ ۾ ڏنو ۽ چيو تہ پيارا هڪ بس هُن طرف وئي آهي اُها واپس ايندي ۽ توکي پونا يونيورسٽي گيٽ وٽ ڇڏيندي. دادا جن پاڻ دروازي تائين ڇڏڻ آيا ۽ سامهون واري بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لاءِ چيائون. مان بس اسٽاپ طرف ويس ۽ بس جي انتظار ۾ بيٺو هوس تہ ڏسان منهنجو منڙو محبوب منٺار دادا ٻنهي هٿن ۾ ڪجهہ کڻي تڪڙا تڪڙا قدم کڻي بس اسٽاپ طرف اچي رهيا هئا. مان هڪدم اُن طرف ويس. پياري دادا پاٻوهہ مان ڇيو پيارا ديال مان توليہ گرم گرم کاڌو کڻي آيو آهيان. مون سوچيو تہ منهنجو پيارو صبوح جو تيار ٿيل ٿڌي روٽي کائي ۽ مان. گرم ڀوڄن کاڻوان ڪري مان توليہ هيءَ پليٽ کڻي آيو آهيان. دادا مونکي بس اسٽاپ طرف وٺي آيا ۽ چيائون تہ دهلو کول تون پنهنجو ٿڌو کاڌو ڪڍي ڏي ۽ هن پليٽ وارو گرم کاڌو تون کڻي وڃ ۽ پوءِ پلي يونيورسٽيءَ ۾ کائج. توکي يونيورسٽيءَ مان ٿي وري واپس اُلهاسنگر وڃڻو آهي نہ تہ توکي هلي بنگلي تي ڪارايان! دادا جا اهي مڌر پيار وارا وچن ٻڌي دل پرجي آئي. پياري دادا پاڻ پليٽ وارو گرم کاڌو دبلي ۾ وجهي ڏنو. جڏهن دادا بنگلي طرف وڌيا تہ مان

پڇڻو هجيئي پل تون پيهي، سوالن جوابن جو پُستڪ ’اَڄ جو ويچار‘ ۽ ٻيا
ڪتاب شايع ٿيا آهن. اَڄ جو ويچار ۾ دادا جن جا ٣٦٥ امولہ ويچار
سنگرہ ٿيل آهن. شرڌالو اُن مان روز وچن وننڌا آهن. اُن ڪانسواءِ
شيام، جاڳو، سنت مالها، سنت ساهتيہ، هندواسي ۽ ٻين پترڪائن ۾
پڻ وقت بہ وقت دادا جن جا سڪيادائڪ ليکہ شايع پئي ٿيا آهن، جن
جي پڙهڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. اِهي ليکہ وهنوار چاهي
پرمارٿ جي لحاظ کان اسانجي رهنمائي ڪن ٿا.

پياري دادا جشن کي شاعراڻي دل آهي. هن صاحب سنڌي
سنت ڪاويہ جا گهڙا پريا آهن. دادا جن انجلي، جي تخلص سان سوين
ڀڳتي پرڪ گيت رچيا آهن.

پوجيہ دادا ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي روحاني وارث آڌياتمڪ
مارگدرشڪ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي ڀڳتي گيتن جا سنگرهہ
’’انجليءَ جا آلاپ‘‘ ’’انجليءَ جا گيت‘‘، ’’قتيل دل جا قول‘‘،
’’ڪرقبول قدمن‘‘ ۾ گذريل صديءَ ۾ مان ڇپائي شايع ڪيا. سندن
’’ڳوڙهن جي مالها‘‘ ۽ ٻيا ڪي سنگرهہ بہ پرڪاشت ٿيا. تازو نومبر سنہ
٢٠١٤ع ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو ’’ انجلي سنگرهہ‘‘ گرنٿ
سائيز هڪ هزار پيجن جو شايع ٿيو آهي. اِهو گرنٿ ساڌو واسواڻي مشن
پونا طرفان پرڪاشت ڪيو ويو آهي. پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جو اِهو
’’انجلي سنگرهہ‘‘ هن صديءَ ۾ سنڌي ڀڳتي ڪاويہ ۾ هڪ وڏو اضافو
آهي. پيارو دادا جشن واسواڻي هن يگ جو مهان سنت دارشنڪ ودوان
گيانوان روحاني رهبر آهي. سندن تحرير ۽ تقرير ۾ تاثير آهي، جادوئي
اثر آهي. هن وقت سندن عمر٩٨ سال آهي. جڏهن هو ڳالهائين ٿا تہ
سندن منهن مان موتي ٽپڪن ٿا. سندن نوراني نظر نهال ڪري ڇڏي
ٿي. پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جو ’’انجلي سنگرهہ‘‘ سنڌي ڀڳتي
ڪاويہ جو املهہ خزانو آهي اونهو عميق آهي ڪو گياني غواص ان عميق
۾ ٽبي هڻي لعل لوڇي اَچي. شاهہ لطيف جو بيت آهي :

اي گت غواص، جن سمنڊ سوجهائون
پيهي منجهہ پاتار ماڻڪ ميڙيائون

دادا جن جي پريرڻا سان ساڌو واسوانيءَ مشن طرفان ڪيترن سفيد پوشن کي سهائتا ڪئي ويئي. ميران يوميءَ ۾ به روز شيوا ڪاريه ٿين ٿا. دادا جن چوندا آهن ته اُهو ڏينهن اجايو جنهن ڏينهن اسين ڪنهن دکيءَ جي خدمت نه ٿا ڪريون. گهرجائن اپاهجن دکين جي شيوا به پريوءَ جي پوجا آهي. دادا جشن جي پريرڻا سان ديش وديش جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ساڌو واسواڻي سينٽر شروع ٿيا آهن. جتي سيوا ۽ سمرڻ جا ڪاريه هلي رهيا آهن. راجڪوٽ ۾ ساڌو واسواڻي اسڪول، ساڌو واسواڻي هاسپيٽل، احمدآباد ۾ ساڌو واسواڻي هاءِ اسڪول ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ خلق خدمت جا ڪاريه ٿي رهيا اهن. پياري دادا جشن پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن ٢٥ نومبر Meatless Day ويشنو ڏينهن ملهائڻ شروع ڪيو. سندن دل ۾ پکين پسن لاءِ ڪيڏي نه همدردي آهي هن سنت جيوَ ديا جي جوت جڳائي هزارن لوڪن کي ويشنو بڻايو آهي. دادا جشن واسواڻيءَ ساري وشوَ کي پريم، مئتري ديا، مانوتا، همدردي سدڀاونا جو سنديش سڻائي شانتي جي راهه ٻتائي آهي. دادا جشن واسواڻيءَ جو جيون پريرڻا جو سرچشمو آهي

ساهتيه ۾ يوگدان:

پوجنيه دادا جشن واسواڻي گرديوَ ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جيان اوچ ڪوٽيءَ جا ساهيتڪار ۽ فيلسوف به آهن. سندن تحرير ۽ تقرير ۾ تاثير آهي. هن صاحب انگريزي نثر چاهي نظم ۾ پاڻ موڪيو آهي. Tear Drops دادا جن جي انگريزي گيتن جو سنگرهه آهي. دادا جشن واسواڻيءَ انگريزيءَ ۾ انڪل ٥٠ کن ڪتاب لکيا آهن، اِهي پستڪ جيون اُپيوگي آهن. وهنوار ، پرمارٿ ۽ صحت لاءِ اسانجي راهه روشن ڪن ٿا. ان سنت ساهتيه جي دائمي اهميت آهي.

پياري دادا وقت به وقت سنڌيءَ ۾ گيان گريت وياکيان ڏنا آهن ۽ روح رهاڻ ڪئي آهي. سندس روح رهاڻ جو سار ۽ وياکيان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا آهن. روح رهاڻ ڏهه ڀاڱا پرڪاشت ٿيا آهن. اِهي ساڌارڻ پستڪ ڪين آهن پر گيان جو گلزار ۽ سکيائن جو ساگر آهن اِهي پستڪ وهنوار چاهي پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ سونهپ ڪن ٿا

پياسي دليون پڪاريندئون آهن. تڏهن به هوُ ستگروءَ جي مورتي
آڳيان چئيون رکي آڳيا ٿندا آهن. جيڪڏهن چنيءَ ۾ ها نڪرندي ته
اُن شهر ڏانهن ويندا. گرديو ۾ سندن ڪيڏو نه صداق آهه

هت هُت هرهنڌ سچڻ آهين ساڻ،
هت ڪان وٺي پيو هلائين تون پاڻ،
دادل پيارو آهي ديال،
ڪئن نه ته لهي پيو روز سنڀال.

برهم :

پوڄيه دادا جشن دارشنڪ به آهن. سندن ڪاويه مان سندن
دارشنڪ ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. دادا جن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ برهم
جي نرگڻ ۽ سگڻ روپ جو ورڻن پڻ ڪيو آهي. دادا جن ويدانت سوتر
ايڪو برهم دوَتيه نه استيءَ جو سمرٿن ڪندي چون ٿا ته نرگڻ برهم
سروَ وياپي آهي. چوڏاري سندس ئي چمتڪار آهي.

هت هُت هر هنڌ تنهنجو جلوو چمڪي،
سج چنڊ تارن، تنهنجو مکڙو مشڪي.
هت ساوڪ ۾ سڄڻ ڪيم تنهنجو ديدار،
هِت هُت هر هنڌ پيو چمڪي ته اسرار.

ڪوي هر هنڌ محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو :

جل ۾ ۽ ٿل ۾، ۽ منجهه آڪاس،
هر هنڌ هر جاءِ، تنهنجو نواس.

برهم اننت آهه، اسيم آهه دادا جن ڀڳتن جي هرديه ۾ اُن
نراڪار برهم جو درشن ڪن ٿا :

آهين تون بي انت، نڪي پارا وار،
ڀڳتن جي هردي، آهي تنهنجو وهار.

ويدانت سوتر ”تت توم اسي“ جي جهلڪ به دادا جي ڪاويه
مان ملي ٿي. هوُ جيو کي جاڳرت ڪندي چون ٿا:

پاڻ ۾ پيهي پس تون پاڻ،
هت هُت چو پيو ڀٽڪين هاڻ.

آٽي ڏنائون هيرالعل هٿن سين

پوڄيہ دادا جشن واسواڻي پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي نوري گرنٿ جو اونهو اڀياس ڪيو آهي ۽ اڄ بہ هوُ نت نيم نوري گرنٿ پڙهندا آهن. پرمپرا کان پرڀاوت دادا جشن واسواڻيءَ جي مک مان گيتن جي گنگا ڌارا پرواهت ٿيندي رهي ٿي. سندن گيت دل جي اونهائيءَ مان نڪتل آهن. پياسي دل جي پڪار آهن جن ۾ سوز ۽ درد آهي. هوُ اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي آهن.

گرو مهما

سنت ڪوين جي پرمپرا انوسار دادا جشن واسواڻيءَ جي گيتن ۾ گرديو ساڌو واسواڻيءَ لاءِ اننيہ شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاونا پريل آهي. هوُ پنهنجو پير پيغمبر سروَسوَ پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ کي مڃين ٿا.

گرديو ديالو دادل منهنجا سائين!

منهنجو پير پيغمبر سڀ تون ئي آهين.

پوڄيہ دادا جشن پنهنجي گرديو دادل شاهہ جي تمام ويجهو هوندي بہ کين پرارٿنا ڪن ٿا :-

پنهنجي در تي دادل! ڪري خادم بيهار

من ڪنهن ڏينهن سپاڳي ملي مهر نهار.

گرديو جي احسانن جو ذڪر ڪندي دادا جن چون ٿا :-

تنهنجي مهر ڪيڏي ڪيڏو تنهنجو احسان

ڏسين کين ڏنگايون منا آهين مهربان

تو جهڙو نا ٻيو ڪو آهي ساري جهان

ڪريان تو تان قربان هيءُ جند ۽ جان

جئہ جئہ گرديو، جئہ جئہ تيرو نام

پيئي انجلي پڪاري دادا شيام! دادا شيام.

پوڄيہ دادا جشن پنهنجي ستگروءَ کي سدائين ساڻ محسوس ڪن ٿا. گروءَ ۾ سندن ايڏي تہ شرڌا آهہ جو هوُ دادل شاهہ جي آگيا کان سواءِ بہ قدم ٻاهرکين نڪرندا آهن. کين جدا جدا شهرن مان

جيو

جيوَ کي جاڳرت ڪندي دادا جن چون ٿا تہ پيارا تنهنجي شرير ۾ جو ٻولي ٿو. ڏسي ٿو اُن آتما جو چنتن ڪر، درشن ڪر، توز برهم روپ آهين. تون اوديا جي ننڊ مان سجاڳ ٿي اُن آتما جو ساڪياتڪار ڪر جنهنجو ئي سڀ چمتڪار آهي :

اندر اندر چم جي چولي،
ڪير پيارا! ويٺو ٻولي.
اُٿ جاڳ جوڳي! ديکہ ديدار،
چمڪي پيو جو اندر چولي.

هر جيو ۾ برهم وياپڪ آهي. اِنڪري دادا جن جيوَ کي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جي صلاح ڏيندي چون ٿا :

اندر پيهي پاڻ پڇاڻ،
ملهہ پنهنجو تون پاڻ سڃاڻ!
هت اچي تون بڻئين غلام،
آهين هنس پکي پر ڪولي اُڏام!

جڳت

جڳت ۽ جڳت جا پدارٿ ناسونت آهن، پاڇا آهن. اسين پاڇن پويان پنهنجي عمر برباد ڪري رهيا آهيون، پوجيہ دادا جن اِهو جڳت مٿيا جو ويچار پيش ڪندي صلاح ڏين ٿا :

هي پئسو پدارٿ، مان شان وڏائي،
هي عيش ۽ عشرت ڪروڙ ڪمائي،
اٿئي سڀ پاڇا، اٿئي سڀ ڏوڙ،
سنتن جي در تي اچي بيهہ مزور.

ڳوان ڪانسواءِ سڀ ڪجهہ ناسونت آهي، اِنڪري اُن هڪ سان ناتو رکڻ گهرجي.

سنسار اٿيئي اسار، لڏڻو هڪ ڏينهن آهہ ضرور،
ڪايا مايا ڪٽنب قبيلو، ڪرشن بنا اٿئي سڀ ڪوڙ.

جيءَ ۾ پيارا! پاءِ تون جهاتي.
اندر تنهنجي هيرن کاڻ،
اندر روپا، اندر سونا،
اندر پارس، پاڻ پڇاڻ.

پوجيہ دادا جشن برهم جي سڳڻ روپ ڀڳوان شري ڪرشن ۽ ڀڳوان شري رام جو ورڻن بہ پنهنجي ڪاويہ ۾ ڪيو آهي. شري شيام سندر جو ورڻن ڪندي هوُ لکن ٿا. :

ويس وسنتي پهري، سئر ڪرڻ تون آئين شيام!
برندابن جي ڪنج گلين ۾. راس رچائي ڏنئہ آرام.
مرليءَ سان تو مست ڪيو. گوپين جي تون دل جو ڏام.
آهيان اِڪ مان گوالڻ تنهنجي، ’انجلي‘ ڳايان تنهنجو نام

دادا جشن ڪرشن جي ڪمل چرڻن ۾ ئي آنند جو انڀوُ ڪن ٿا :-

چڏي در ٻيا سڀ، تو در آئي آهيان،
ڪمل قدمن ڪنعيا، وشرام پايان.

دادا جن شري ڪرشن ۽ گوپين جو ورڻن ڪندي چون ٿا :
جت مرلي موهن باجي باجي، گوپيون گڏجي ڳائين گهنشيام
نديءَ ڪناري راس رچائين. پيون پڪارين شيام ئي شيام

دادا جشن جي دل ۾ ڀڳوان شري رام جي درشن جي ابلاکا آهہ. هوُ پنهنجي اُڪير جي اُليک ڪندي چون ٿا :

درشن لاءِ آهي دل ۾ پياس،
منهنجو رام تہ آهي اڃا بنواس.
روز اُٿي پيئي اندر اُڪير،
روز نٽين مان وهي پيو نير.

ڪوي رام - ملڻ جو بيان ڪندي چون ٿا :
اڄ رات ڏياري منو رام آيو،
اڃي اُن نذر ڪي آ ڇاتيءَ ڇپايو.

ڳڱ جا ترجمان :

دادا جن پنهنجي گيتن ۾ پنهنجي يگ جي ترجماني ڪئي آهي. اسين ڌارين جي غلاميءَ مان برابر آزاد ٿيا آهيون مگر اڃان آرٿڪ ۽ سماجڪ آزادي نہ ملي آهي. سياسي سوارٿن سبب اکنڊ ڀارت کي کنڊت ڪيو پيو وڃي، ديش جي ايڪتا لاءِ ڪوي پرماتما کي پرارٿنا ڪري ٿو :

ڪري ٽڪرا ٽڪرا پيا ڪن ملڪ برباد،
نہ ڪوئي سڻي ٿو هن دل جو فرياد!
وري تون وڄاءِ اڃي ايڪتا جو ناد،
منهنجو ڀارت آزاد ڪڏهن ٿيندو!

آزاديءَ جي حاصلات ڪانپوءِ بہ اسانجي ديش ۾ مسڪين محتاج، وڌوائون فاقن ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهن. ڀارت يوميءَ جي اهڙي دردناڪ دشا ڏسي دادا جن جي دل ڀرجي اچي ٿي :

وڌوائون ويچاريون رئن زار زار،
دينن جي دل ۾ آهہ دک جي پڪار!
نہ تو بن تن جو آهہ ڪو اَڌت اَڌار،
منهنجو ڀارت آزاد ڪڏهن ٿيندو!

سنڌ لاءِ سڪ :

پوڄيہ دادا جشن وطن دوست آهن. هوُ ماروئيءَ جيان سونهاري سنڌڙي لاءِ اَسائتيون اکيون ڪٽي نهارين ٿا. سندن دل ۾ جنم يومي سنڌ لاءِ ڪيڏي نہ اونهي اُڪير آهي :

وهائي نير نيڻن نگر ڏي نهاريان،
ڪڏهن ملنديس مارن؟ ائين پئي پڪاريان!
نہ سنڌڙي ! رهي مان سگهان تو کان ڌار.
اٿم اُڃ اندر ۾، پنهنجو پاڻي پيئار!

وشوَ ۾ اشانتي، نفاق ۽ ناسازي ڏسي دادا جشن پنهنجي گيتن دوارن ميلاپ، محبت، سڪون، سهڪار جو سنديش ڏين ٿا ۽ نئين يگ جي گيت ڳائڻ لاءِ پريرت ڪن ٿا :

مڪتي :

دادا جشن جي ويچار موجب نام سمرڻ دواران ئي منش چوراسيءَ جي چڪر مان مڪت ٿي سگهي ٿو.

اٿيئي نام جيون جو ساچو نڌان،
بنا نام نہ ڪوئي پائي پد نروان.

مسڪين ۾ مالڪ :

پوجيہ دادا جشن پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ وانگر مسڪينن محتاجن اناٿن اپاڄن ۾ پريوءَ جو درشن ڪن ٿا. هوُ ڪين پڳوان جو پڳل مورتون ڪري مڃين ٿا ۽ اسانکي صلاح ڏين ٿا تہ پڳوان انهن روپن دواران اوهان ڏي نهاري رهيو آهي. انڪري انهن سان نفرت نہ ڪريو. ڪين پنهنجي دل جو پيار ڏيو :

هرهنڌ هڪ ئي پيو آواز اُٿاري،
پڳلن مان پڳوان اوهان ڏي نهاري،

دادا جن جي دل ۾ دين دکين هيڻن لاءِ ڪيڏي نہ همدردي آهي :

غريبن دکين ۾ ڏسي، تنهنجو روپ،
ٿيون تن جا مددگار، جڳايون جوتي انوپ.

جيوَ ديا :

پوجيہ دادا جشن ڪروڻا جا اوتار آهن. سندن رڳ رڳ ۾ ديا جي ڀاونا آهي. هوُ ور ور پنهنجي وياکيان ۾ چوندا آهن تہ پکين پسن کي مارائي هنسا جو ڪاڌو نہ کائو. اِهي پکي پسون بہ پياري پريوءَ جو روپ آهن. اُنهن کي نہ کهايو، ڪوس گهر بند ڪرايو ۽ اُنهن پراڻين جي پڻ شيوا ڪريو. دادا جن اِهي ويچار پنهنجي گيت دواران پيش ڪندي صلاح ڏين ٿا :

نہ مار تن کي، نہ کي تن کي ماراءِ.
ڪر شيوا تون تن جي، تن کي ڪاراءِ.
تن جي چرنن ۾، ور ور تون سر جهڪاءِ.
احسان الک جو 'انجلي' تون پاءِ.

اُتي رات آڌيءَ توکي ور ور پڪاريم.
دردر فراق مان ڳلن ڳوڙها ڳاڙيم.
اڃان ڏس اتيئي منهنجا نيڻ آلا!
سڄو ڏينهن سڄڻا! سڪندي گذاريم.
پنج سال انجلي ويا ڪيئن گذري!
اڃان پيئي جئين تون وئين چو نہ مري!!

پريوءَ جي پياس ۽ پياري دادل شاهہ جي ورهہ ۾ پوجيہ دادا جن جيڪي لڙڪ لاڙين ٿا، اُن ڪي ڀڳوت ڀڳتي ڪري مڃين ٿا. هوُ پنهنجي زندگي ۽ بندگيءَ جو ذڪر ڪندي چون ٿا :

سڪ سوز سڏڪا اتيئي منهنجي زندگي،
ڳلن ڳوڙها ڳاڙيان، اها منهنجي بندگي.

دادا جن جا اهي گيت آهن سندن دل جا آلاپ، روح جا ورلاپ، سندن هڪ هڪ گيت ۾ سوز ۽ سڪ آهي. جو مانوَ جي انتستل ڪي ڇهي منو درد پيدا ڪري ٿو.

داسيہ ڀاونا :

پوجيہ دادا جن نمرتا جي مورتي آهن، هوُ آهن سد سد نماڻا هزارين دلين جا راڻا، سندن گيتن مان بہ داسيہ ڀاونا جهلڪي ٿي. هوُ پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي چون ٿا :

بخش منهنجون ڀلايون، ڏي مداين جي معافي،
ڪڻو اِڪ ڪرپا جو، مون لئہ آهي ڪافي.

ڪڏهن ڪڏهن ڀلايون، اُپڪار جا ڪم ڪندي بہ منش کي سوکيم اهنڪار ٿيندو آهي انڪري دادا جن ڏٺيءَ ڪان چڱاين ۽ ڀلاين جي معافي منگين ٿا.

دادا جن پنهنجي مرشد کي عرض ڪن ٿا تہ اهڙي عنايت ڪريو جو اَپو مٽائي اوهان جي در جي داسي ٿي رهان :

رهان تنهنجي در تي ٿي دين مسڪين،
ڪرين مهر محبوب ! ٿئي انجلي ڪجھ ڪين.
تنهنجي در تي دلبر، بڪارڻ مان آهيان،

نئين يگ جو انجلي ! نئون گيت ڳاءِ!
ميلاپ جو ناد نئين سُر سين وڄاءِ.

ورهہ :

پوڄيہ دادا جشن پنهنجي پياري پريتم گرديو دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ويوگ ۾ ويدنا ڀريل گيت رچيا آهن. سندن اِهي گيت آهن پيار جا ڳوڙها، پياري دادل شاهہ جي ورهہ ۾ پياري دادا جشن جيڪي ڳوڙها ڳاڙيا، لڙڪ لاڙيا، اُهي گيتن جي روپ ۾ بدلجي ويا. پياري دادل شاهہ جي فراق ۾ دادا جشن سوز درد وارا گيت ڳائيندي چون ٿا :

هليو وئين حسن وارا ڪهڙي راهہ؟
تصوير تنهنجي لڳ لڳ ۾ آهہ!
رکيم گل تو لاءِ سي گل ڪوماڻا!
سڏيان ويٺي سڪ ۾ اءِ روح جا راڻا!
بنا تو اءِ نوري! اٿم ڪين اوٽ،
انجلي جي دل جو آهين تون تہ گهوٽ!

پوڄيہ دادا جن پنهنجي گرديو جو تصور ڪندي چون ٿا :

سونو مکڙو تن جو ساهہ سين سنڀاريان،
مني تن جي مورت، پيئي ور ور نهاريان!

شاعر انجليءَ کي پنهنجيءَ گرديو کانسواءِ ٻيو ڪجهہ منو نٿو لڳي. هوُ گرديو جي ڪمل چرنن ۾ سمرپت آهن :

وڻن ڪين ٿا هي شهرن جا شور،
هن روح اندر اِڪ تنهنجي اَهي لوڙ!
اٿم پياس هڪڙي ٿيان تنهنجي نوري،
تنهنجي در جي داسي انجلي سموري.

دادا جن گرديو جي درد فراق ۾ ويڳاڻا آهن. هوُ ڳوڙهن جي مالها گرديو کي ارپڻ ڪن ٿا. سندن من ۾ ڪيڏي نہ اونهي اُڪير آهي

بنا تو، اءِ دادل! هي دلڙي آ ماندي،
ڳوڙهن جي مالها، اٿم تو لئہ آندي!

ورهه جي حالت ۾ پريمي پنهنجي شرير جي ڀيٽ سڪل وڻ جي
ڏانديءَ سان ڪئي آهي. دادا دادي شانتيءَ جي ڀيٽ بلبل ۽ سندس
جيون جي راڳ سان ڪيل آهي.

روپڪ النڪار :

سڪ جي سئيءَ سان اڄي سب منهنجي دل،
ڪٽي ڀاڄهه ڀانهن، مونکي تون وٺي هل.
ڀاڄهه ٻيڙيءَ ۾ مونکي وهار.

سڪ روپي سئي سان، ڀاڄهه روپي ڀانهن، ڀاڄهه روپي ٻيڙي،
روپڪ النڪارن جا مثال آهن.

اتيشيوڪتي النڪار (مبالغو):

تنهنجي سڪ ۾ سڄڻ سائين! نديون ۽ سمنڊ ڪيم سپ
پار.

سپ سمنڊ ۽ نديون پار ڪرڻ ڪنن آهن. انڪري هن مصرع ۾
اتيشيوڪتيءَ مبالغيءَ جو پريوگ آهي.

پرتيڪ : پڃري ۾ ڇو تون بند آهين؟ ڪولهج پر هڪ وار
پڃري جو پرتيڪ شرير لاءِ به آهي ته مايا لاءِ به آهي.
ڪوڏي ڪاتر هيرو گنوائين.

ڪوڏي ڪيچ ۽ تيچ پدارٿن جو پرتيڪ آهه ۽ هيرو سواسن ۽ منش
ديهه جو پرتيڪ آهي.

پوڄيه دادا جشن جي ڪاويه ۾ شانت رس ۽ ويوگ شرنگار رس
ڀئي مکيه آهن. دادا جا جيڪي گيت گيان ڀڳتي پاونا وارا آهن اُنهن
۾ شانت رس پرڌان آهي. دادا جن ڪيترا گيت پنهنجي گرديو ساڌو
واسواڻيءَ جي ۽ پريوءَ جي ورهه ۾ ڇپا آهن اُنهن گيتن ۾ ويوگ شرنگار
رس پراڌان آهي. دادا جن انتيانُپراس آرٿات قافيه ۽ رديف سان پڻ
نباهيو آهي. پوڄيه دادا جشن جي گيتن ۾ سليس سنڌيءَ جو استعمال
ڪيل آهي. سندن گيتن ۾ سنگيتا تمڪتا ۽ ماڌريه آهي. دادا جشن جي
گيتن ۾ سنت سورداس، سنت ڪبيرداس، ميران ٻائي، شري گرونانڪ
ديو مهاراجن ۽ دادا ساڌو واسواڻيءَ جهڙي ڀڳتي پاونا آهي.

ڪمل چرڻ تنهنجا، ڪئن آنءُ پايان.

النڪار :

دادا جن جي ڪاويہ ۾ ڪلاتمڪ خوبين جو سهج سماويش ٿيو آهي. مثال پيش آهن :

ورڻ مئتري :

جهڙي تهڙي، تنهنجي تنهنجي
وٺي هل تون پار وهاري
نهاري، ستل کي اُٿار.
جپ تپ ساڌن نہ ڄاڻان ڪوئي،
ڪايا مايا ڪٽنب قبيلو، ڪرشن بنا اَٿئي سڀ ڪوڙ.

”جهڙي تهڙي“، ”“وهاري نهاري“، ”جپ تپ“ ”ڪايا مايا“ ورڻ مئتري جا مثال آهن.

ورڻ سنگتي :

جاڳي جاڳي راتيان، نهاريان مان راهون
سڪ سيني ۾ سانڍي، سانڍي رهئين محبت ۾ مخمور،
لڪائي لڪائي، مونکي سُرڪيون پيئار.

”جاڳي جاڳي“ ”سانڍي سانڍي“ ”لڪائي لڪائي“ ورڻ سنگتيءَ جا مثال آهن.

ڇيڪانُپراس : تجنيس حرفي

سڪ سيني ۾ سانڍي سانڍي رهئين محبت ۾ مخمور،
تون تہ هليو وئين مني مرُڪ مشڪائي،
ملول منهنجو منڙو، ڪري تنهنجو جاپ،
ور ور وساريان هي سنسار سارو.

”سڪ سيني ۾ سانڍي سانڍي“ ”ملول منهنجو منڙو“ ”مني مرڪ مشڪائي“ ، ڇيڪانُپراس تجنيس حرفي جا مثال آهن.

اُپما اَلنڪار :

سرير ويو سڪي آهہ، جئن سڪل وڻ جي ڏانديي،
جيون تنهنجي پياري! جئن بلبل جو راڳ.

روح کي روتي هئہ نام
جيوَن کي جيوتي هئہ نام
نام هي گيتا گيان
نام هي ساچا گنگا اشنان
نام هي نام نام هي نام
نام بنا سب بي ڪام
نام کولي مکتي ڪا دوار
نام اَنجلي پهچائي پار
ساڌڪ کي سدائين نام جي ساڌنا ڪرڻ گهرجي.
اوٺت بئنت سووت نام
نام بنا نا دوجا ڪام.
اسين هيرن جواهرن کان وڌيڪ امولہ مانش جنم ويرٿ وڃائي
رهيا آهيون ڪوي اسان کي بيدار ڪندي چوي ٿو :
هيري جئسا جنم گنوايا
رام نام توُ ڪيون نهين گايا،
مانش جنم ڪيون کويا ري !
اِهہ ڌن ڏولت مال خزانا،
دودن رهنا پيڇي روانا،
مانش جنم ڪيون کويا ري !
رام نام توُ مک سي بول،
اَنجلي دل ڪا دوار تو کول،
ڪوي شري شيام سندر جي پريم جي رنگ ۾ رنگجي ويو آهي.
سکي ري! مئن تو رنگ گئي شيام رنگ ۾
سندر صورت صاف سهائي بار بار جائون قربان،
موهني مورت موهن کي ديک ديک هوُن حيران.
گوپيون شري ڪرشن جي ورهہ ۾ ورلاپ ڪن ٿيون :
کهان گيو بندرابن والي
ڍونڍت ڍونڍت تہ هوء متوالي

انجلي سنگرھ سنڌي ڀڳتي ڪاويه جو املھ امر خزانو آهي.

پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي ٿورا گيت هنديءَ ۾ به چيا آهن. سندس دل ۾ پنهنجي گرديو ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ لاءِ اننيه شرڌا ڀاونا آهي. هوُ سندن جدائي ۾ پياس جا لڙڪ لاڙي ٿو :

ڪهان جاڪي پريتم درشن تيرا پائون،
تمهين ڇوڙڪي، ڪهان اور جائون،
آنکون ۾ توني نشا آڪر ڈالا،
تمهين ياد ڪر ڪي مئن آنسو بهائون.
تيري بنا انجليءَ نه ڪسڪو پهچاني.
شرڻ تيري مئن هون تيري پاس آئون

پياري دادا جشن جي دل ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي درشن جي پياس آهي هي صاحب شري شيام سندر کي التجا ڪندي چوي ٿو :

ميري من مندر ۾ آڪر چمڪو تو پياري،
نرمل سُندرتا مئن، ديکون تيري پريتم نياري،
دل کي ڪمل ۾ کلي تيري جيو تي،
تيري انو ڪمپا هئه آنند ڪي موتي.

ڪوي پريوءَ جي درشن جو اَڀلاکي آهي. هوُ پنهنجي اندر جا اُدگار ظاهر ڪندي چوي ٿو :

محب ملن ڪي راھ مجهي ڪوئي بتاوي
رام جپڻ ڪي راھ ڪوئي بتاوي،
جهوٺا جڳ يھ سب ڪڇ فاني،
اِڪ اِڪ جاوت راھ رباني،
ڪال ڪٽڻ ڪي راھ مجهي ڪوئي بتاوي.
اڪال اروپ يھ روپ بنايا،
اُسڪي ڀيتر آپ ڇپايا.
ڀيتر کوجن ڪي راھ مجهي ڪوئي بتاوي!

دادا جشن واسواڻيءَ نام جي مهما ڳائيندي نام سمرڻ لاءِ پريرت ڪري ٿو :

ڀڳتياڻي هري ديوي واسواڻي

ڀڳتياڻي هري ديويءَ جو سوپاڳيہ هو جو سندس جنم مهان ويوتي سنت شرومڻي ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي پراتا ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي پوجنيہ پتا شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي گهر حيدرآباد سنڌ ۾ ٢٦ نومبر سنہ ١٩١٥ع ۾ ٿيو. سندس ماتا ڪرشنا ديوي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي صدقياڻي هئي. هوُ نت نيم گرواڻيءَ پڙهندي هئي. گرو گنٿ صاحب مان وچن ونندي هئي. پتا شري پهلاجراءِ بہ ڌارمڪ پرورتيءَ وارو نشڪام سيوڪ هو، سماج سڌارڪ ڀڳت جن هو. پوجيہ ماتا پتا جي شڀ سنسڪارن جو پرڀاءُ ٻالڪي هري ديويءَ تي پيو. هوُ اسڪول ۾ پڙهندي پياري دادا ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندي هئي. ٻچپن ۾ ئي ڪيس ڀڳتيميہ واتاورڻ مليو. هوُ پڙهڻ ۾ بہ پروين هئي. هوُ پنهنجي ڪلاس ۾ سدائين پهريون نمبر ايندي هئي. دادا ساڌو واسواڻي جي سنگ ۾ رهندي سندس من ۾ پريوءَ لاءِ پياس پيدا ٿي. ساڌو واسواڻيءَ سکي ستسنگ شروع ڪيو. ڀيڻ هري نت نيم اُن ستسنگ جو لاڀ ونندي هئي. ۽ دادا جن لاءِ رسوئي بہ تيار ڪندي هئي. هوُ نصيبن واري هئي جو گهر ۾ ئي ڪيس ساڌو واسواڻي گرديوَ روپ ۾ پراپت ٿيو.

ڀاڳيہ هئا پريو سنت ملايا،
گرو ابناسي گهر ۾ پايا.

ڀيڻ هري ديويءَ بي ايس سي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي آگيا سان پرميشوري ٻائي چانڊواڻي اسڪول سکر ۾ ماستري ڪئي، پر سندس من ۾ پياس هئي تہ هوُ گرديوَ جي ويجهو رهي روحاني راهہ ۾ اڳتي وڌي. ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد ۾ ميران اسڪول برپا ڪيو، پوءِ ڀيڻ هري ديوي ميران اسڪول ۾ اڌياپن ڪاريہ شروع ڪيو. هوُ هڪ آدرشي اڌياپڪا هئي. ڪجهہ سالن بعد ڀيڻ ميران هاءِ

ڪهان گيو ميران ڪي ڪان،
ڏيائون جسڪي جند جان
ڪويءَ جي داسيہ ڀاونا بہ سندس ڪاويہ مان ظاهر ٿئي ٿي:
پاس تيري مئن ڪئسي آئون!
چرن ڪمل مئن ڪئسي پائون!
مئن مئلي مئلي توُ نرمل آهين،
مئن در ڪي داسي تو نرمل آهين.
جيوَ هن سنسار ۾ مايا جي چڪر ۾ پنهنجي اصلي ڪم ۽ روپ ڪي ڀلجي ويو آهي. ڪوي ساڌڪ کي سجاڳ ڪندي چوي ٿو :
ڪون ديس سي آيئہ هنسا ڪيا هئہ تيرا ڪام
سُڌ بُڌ ڪيون سڀ ڀول گئي ڪيوُن ڀولا هري نام
ڪويءَ سنتن جي شرڻ وٺڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :
اب ڪتنا وقت گنوائو!
سنتن در پر آجائو
سنت ڪرپا پاجائو
يهان وَهان ڀٽڪي ڪيون
سنت شرڻ آتي نهين ڪيون!
دادا جن جي ڪن هنديءَ گيتن ۾ ڪٿي ڪٿي سنڌي لفظن جو استعمال ٿي ويو آهي.
ڀڄ گوندو ۾ دادا کي املهہ خيال هندي ڪاويہ ۾ پيش ڪيا آهن.
ترشنائن کي ٽڙي ڪڍڻ لاءِ راڌا ڪرشن جو جاپ يڪ ٽڪ علاج آهي.
مٽ جائگي تيري ساري ترشنا،
بول راڌا ڪرشنا، راڌي ڪرشنا.
پياري دادا جشن جي سنڌي ڪاويہ تي سندن گرديو ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جو پرڀاءُ ظاهر ظهور آهي. دادا جشن پاڻ اونهو اڀياسي آهي انڪري سندس نثر بہ اثردار آهي.

يادگر رهندا. سندس اهي گرنٿ اسانجي سونهپ ڪن ٿا.

پياري ڀيڻ هري ديوي پريوءَ جي ڀڳتياڻي هئي تڏهن ته ڪيس سنساري سفر سماپت ڪرڻ لاءِ پرشوتم جو پوتر مهنو نصيب ٿيو. هوءَ سدسد نماڻي هئي. نينهن واري جوڳياڻي هئي. گرديو ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي سکيائين جي ساکي جيون ۾ ڏنائين، سندس دل ۾ دکين دريدرن، پکين پسن لاءِ همدري هئي. انڪري هوءَ سيوا ۾ به سڪريه رهي. زندگيءَ جو پوين هفتو علاج لاءِ انلئڪ ٻڌراڻي اسپتال ۾ رهي. پيارو دادا جشن واسواڻي روز سندس سار سنڀال لهڻ لاءِ وڃس ويندو هو. ١٢ جون رات جو دادي هري ديوي پرم ڌام پڌاري. سوين شرڌالو ديش وديش مان سندس انتم درشن ڪرڻ لاءِ آيا. ١٥ جون سندن اگني سنسڪار ڪيو ويو.

پوڄنيه دادا جشن واسواڻي پنهنجي مربي ڀيڻ هري ديويءَ کي ڀاوَ ڀيني شرڌانجلي ڏني، ميران يوميءَ ۾ به ڏينهن سانده پاٺ پوڄائون پرارٿنائون چالو رهيون.

ساهتيه ۾ يوگدان :

ڀيڻ هري ديويءَ نه صرف سُٺي لکيڪا هئي پر هوءَ ڪوي هرديه به هئي. هن ٽي گرديو ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي ڪاويه جو پرڀاءُ هيو. هن گرديوَ جي ورهه ۾ مهما ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي پياس ۾ دل جي اونهائيءَ مان گيت رچيا اُنهن ۾ پنهنجو تخلص ”هوري“ استعمال ڪيائين. سندس ڪاويه مان گرو ڀڳتيءَ ۾ ايشور ڀڳتيءَ جي چٽي جهلڪ ملي ٿي، هن نه صرف سنڌي پر انگريزيءَ ۾ به ڪجهه گيت لکيا آهن. سندس جيون اسان لاءِ پريڻا جو سرچشمو آهي.

دادي هري ديويءَ جي سنڌي ڀڳتي گيتن جو مختصر وويچن پيش آهي. ساڌڪ کي ستگروءَ جي سخت ضرورت ٿيندي آهي جو سندس سچي سونهپ ڪري، دادي هري کي ٻاهر گروءَ جي ڳولها ڪرڻي ڪين پيئي. کيس گهر ۾ ئي سندس چاچو دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي ستگرو روپ ۾ نندپڻ ۾ ئي پراپت ٿيو.

اسڪول جي پرنسيپال ني وديارٿين جي راهه روشن ڪندي رهي. هن ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جا آدرش پرارٿنا پوترتا سيوا ستيه سادگي ساهنيوتي سنيهه جا سنسڪار وديارٿين ۾ وڌا.

دادي هري ديوي سادگي جي صورت هئي، محبت جي مورت هئي. سندس سادگيءَ واري رهڻي ۽ اعليٰ ڪهڻيءَ کان ڪيترائي ئي بالڪائون متاثر ٿيون. هوءَ ڪيس ڏاڍو پائينديون هيون. پيڻ هري ديوي اسڪول جون جوابداريون پوريون ڪندي گهڻو وقت ايڪانت ۾ سانت ۾ پگوت پڇن ۾ گذاريندي هئي، پنهنجي اشٽ ديو ڀڳوان شري شيام سندر جو من مندر ۾ ڌيان ڪندي هئي.

ديش جي ورهاڱي بعد گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي آگيا سان پيڻ هري ديوي سينٽ ميران هاءِ اسڪول پونا جي پرنسيپال ٿي وديارٿين جو مارگ درشن ڪندي رهي. هوءَ بنا اُجوري اسڪول جو ڪاروبار قابليت سان سنڀاليندي رهي. بالڪين بالڪن ۾ شُڀ سنسڪار وجهڻ لاءِ هن بال ڪنج برپا ڪيو ۽ وڏين ڀينرن لاءِ وري ميران يونين برپا ڪئي. دادي هريءَ وٽ حيدرآباد ۾ جيڪي نياڻيون پڙهيون هيون ۽ سندس ويچارڌارا کان پرڀاوت هيون سي ميران يونين ۾ شامل ٿيون منجهن داديءَ هري لاءِ ڏاڍي شرڌا ۽ صدق هو. هوءَ هر سال ٢٦ نومبر دادي هري ديويءَ جو جنمڏينهن ڏاڍي اُمنگ اُتساهه سان ملهائينديون هيون.

دادي هري ديويءَ جو پروچن بہ پرڀاوت ڪندڙ هو. هن ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي پنهنجي گرديوَ ساڌ وٽي. ايل واسواڻيءَ جو پيغام پهچائي سوَن ساڌڪن جي سِنهپ ڪئي. هن وڌِشي پيڻ سنت ساهتيہ جو پڻ سرجن ڪيو. سندس سڪياڌائڪ آڌياتمڪ ليک وقت بہ وقت شيام اخبار ۽ هندواسي ۾ شايع ٿيندا رهيا. سندس ليک بہ ڪيترن جي رهنمائي ڪندا رهيا. هن پيڻ گرديوَ ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو جيون چرتر جوڳي جادوگر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي اُتم ڪاريہ ڪيو. داديءَ ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو جيون چرتر Of Modern Times Sanit انگريزي ٻوليءَ ۾ لکي غير سنڌي پاشين کي ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي جيون جي ڄاڻ ڏئي وڏو وڙڪيو آهي. اِهي پستڪ سندس امر

کري هيڪلو جوڳي جادوگر تہ هليا ويا!
هاڻي ڪيئن جيڏيون ڪين جيءَ ۾ جڙيان!
ڇڏي ويا تہ ڇوري، هاڻي پيئي بن ڦران،
ڪٿي ڪين ڳوليان جو سندن پير پڪڙيان!

--- --- --- --- ---

ٿڪجي پيا آهن نيڻ، تنهنجي راهہ نهاري،
ساهہ ساهہ سين سڄڻا، ٿي توکي داسي سنڀاري،
ڪڏهن ايندين پکن پيهي اصل جو اقرار پاڙي.

دادي هريءَ جو اشٽ ڀڳوان شري ڪرشن هو. ڪيس شيام سندر بانڪي بهاريءَ جي درشن جي پياس هئي. اُن پياس وچان هوءَ پڪاري ٿي:

شيام تنهنجي درشن بنا
ڪيئن جيئان مان ڪيئن جيئان!
جمنا ڪناري پيئي پڪاريان،
راهہ تنهنجي پيئي نهاريان،
ڏسي جمنا جو جل سيتل نرمل،
پون ياد پيا تنهنجا چرن ڪمل،
شيام تنهنجي درشن بنا....
سڪايل آهيان ڪجھ سڪ پوري،
گهايل آهيان تہ بہ تنهنجي سموري،
سڏڪن سان ويني سڏيان توکي نوري،
دم دير نہ ڪر ملڻ هيٽي هوري!
شيام تنهنجي درشن بنا....

دادي هري ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتياڻيءَ هئي تہ پريو شري رام جي اُپاسڪا بہ هئي. سندس واڻيءَ مان اِها جهلڪ ملي ٿي. هڪ رام نومي جي ڏينهن سندس مک مان هي گيت نڪتو:

رحم ۾ رام، ڪمل قدمن ۾ وهار،
مهر ۾ رام، ڏي مونکي نينهن نهار!

پاڳ هئا گر سنت ملائيا،
گرو ابناسي گهر ۾ پائيا.

پياري دادي هري ديويءَ سڀاڳي جا ڪيترا ئي سال پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻي جي ڪمل چرڻن ۾ ويهي سندن ڪرپا جا ڪرڻا جهپيندي رهي. پياري دادا جي نرمل نينهن جون پياليون پئيندي رهي. هوءَ پنهنجي گيتن ۾ لکي ٿي.

نوري تنهنجو نينهن نرمل
هوريءَ کي پيو ڪري روز اوجل

دادي هريءَ کي پنهنجي گرديو لاءِ اڻوٽ شرڌا هئي. هن پنهنجي گيتن ۾ پهرين گرديو ساڌو واسواڻيءَ جو تخلص نوري ۽ پوءِ پنهنجو تخلص هوري استعمال ڪيو آهي. هوري تخلص بہ کيس گرديو ساڌو واسواڻي ڏنو هو. هڪ دفعي ستسنگ کان پوءِ دادا واسواڻيءَ پنهنجي ڪُٽيا ۾ وينا هئا تہ ڀيڻ هري ديويءَ کي ستسنگي ڀينر پڻ سندن چرڻن اچي وينيون. دادا جن روح رهاڻ ڪندي نوريءَ جو ذڪر ڪيو تہ نوري هئي مهاڻي پر پنهنجي نياز نوڙت سبب ٿي ڄام تماچيءَ جي پٽ راڻي سندس صورت بہ سوڀيا واري هئي تہ سيرت بہ سهڻي هئي. پياري پريوءَ در بہ اهي قبول پون نا جيڪي خاڪساري اختيار ڪن ٿا. اُن وقت دادا جن پياري هريءَ ديويءَ ڏانهن نهاريندي مشڪندي چيو هري! تون پنهنجو تخلص ’هوري‘ رکج مان نوري تون ’هوري‘.

دادي هريءَ کي گرديو ساڌو واسواڻيءَ لاءِ اندر ۾ اونهي آڪير هئي. هن سندن چرڻن ۾ پنهنجي زندگي کي بسر ڪرڻ چاهيو.

اَتم پياس گرديو تو سان گڏ گذاريان،
چت ۾ ڪمل چرنن جو ڌيان روز ڌاريان،
تو بن ڪير جو مونکي ڇاتيءَ ڇپائي،
جهلي ٻاجھہ ٻانهن ۾ گلي سان لڳائي.

دادي هري ديويءَ گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي برهملين ٿيڻ بعد سندن ورهہ ۾ ڪيترائي دلسوز گيت لکيا جن ۾ ورهہ ويدنا آهي

ٻاٽي اُچاريندا آهن. اُنهن جي پڱتي ڪاويہ جي چند شاستر جي نيمن يا علم عروض جي اصولن موجب ڪٿ ڪرڻ واجب ڪين آهي، ماترائن جي ڪمي پيشي وزن جي گهٽ وڌائي نظر انداز ڪرڻي پوندي باقي شاعرا قافيہ هم آواز لفظن سان نباهيو آهي. سندس گيتن ۾ ڪي ڪاويہ ڪلاتمڪ خوبيون آهن اُنهن جا مثال پيش آهن :

تجيس حرفي :

سواس سواس سان سڪ سين ساجن جي ڪر سنڀال،
رام رنگ ۾ روح رڱڻ آيا. سنت سچا منجهہ سنسار،
سڪ سچي سانڍي سڄڻ لاءِ سيني ۾،
وڇوڙو ورهين جو تو مٽيءَ ڪي ماري،
تنهنجي پريم جي پياسڻ پيئي پل پل پڪاري.

سواس سواس سان سڪ سين ساجن، رام رنگ روح رهاڻ! سڪ سچي سانڍي سڄڻ، وڇوڙو ورهين جو، پياسي پئي پل پل پڪاري تجيس حرفيءَ جا مثال آهن.

اُپمائون تشبيهون :

جيئن سوانتي بوند تو چاترڪ چاهي.
جئن چندر مان تي چڪور عاشق آهي،
جئين هستي وڃائي ٿي ندي ساگر ۾ سمائي،
هيءَ سر گرديو، تو تان شال گهوريان.

گيت جي هڪ پئرا ۾ ٽي تشبيهون استعمال ٿيل آهن:

روپڪ النڪار :

سونو پينگهو سڪ جو مانويني لوڏيان،
طلب تنبوري تي داسي هڪ تڪ ڳائي،
رڳن رباب تي تو لاءِ ٿي نوري سُر چاڙهيان.

درشٽانت النڪار :

هنومان ۽ شبري سانڍي سڪ تو لاءِ
پاتائون وشرام پائي تنهنجو پيار،

هٽي تن کي تير اُٿاري اندر اُڪير،
ڏيئي وئين کھڙو عشق آزار،
ڪاهي ايوڏيا پُري گهر گهر ۾ گهڙي
پيئي توکي ڳوليان، راجا رام پيارا،
داديءَ هريءَ جا گيت آهن سندس دل جي اونهي اُڪير جي پڪار:

پڳل منهنجي دل، منهنجي جهوپڙي پڳل،
تنهنجي ياد ۾ اءِ پريتم روئان پيئي پل پل،
نوري هيءَ چوري چنل، شال قدمن وهارين!

دادي هري سچن سنتن جي صفتن جو ورڻن ڪندي چوي ٿي
امرڏام مان امير پڌاريا، پيئڻ پيئارڻ خوب پيار،
پليل لوڪن جو ڪرڻ اُڌار، آيا سنت سچا منجهه سنسار،
سواس سواس سان سڪ سين ساجن جي ڪرڻ پڪار،
پراڻ پراڻ سان ڪرڻ پڪار آيا سنت سچا منجهه سنسار،
سڪ دک ۾ ٿا رهن سمان ڪين ڪڏهن ڪن ٿا اُپٽار،
اُپڪار ڪرڻ گنهگارن جو آيا سنت سچا منجهه سنسار،

رام نام ۾ وڏي شڪتي آهي. انڪري دادي هري ديويءَ ساڌڪ کي رام نام سمرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿي.

رام نام جو منتر، ويهي جپ تون پل پل،
نوري گوبند گن ڳائي، تون پس اندر هوُري گل ڪمل،
رام نام جو چرخو، چت ۾ چاهه سين چور،
نوري گوبند گڻ ڳائي تون ٻنڌن مايا جا هوري توڙ.

سائينءَ جي سچن سالڪن سڪايلن جو ذڪر ڪندي گيتڪار چوي ٿي:

سڪ جنين جي سيني ۾ سچا صاحب ڪين وسارين،
ڏينهن رات ٿا دل مندر ۾ سُر سڪ سوزجا چاڙهين،
نوري برهه جي ٿا بني، هوري هرهڪ مند ۾ ٻارين.

دادي هري پڳيتاٽيءَ هئي پڳت پنهنجي پڳتيءَ جي مستيءَ ۾

دادي شانتي واسواڻي

دادي شانتي واسواڻي، سنڌين جي سونهاري سنت مهان ويوتي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي آڌياتمڪ سُپتري هئي. سدائين سندس منهن تي مشڪ نمايان هوندي هئي. سندس پيشاني پئي چمڪندي هئي. پياري دادي شانتي سنيهه، سيوا، سهانيوتي، سادگي ستيه سمرڻ جي ساڪيات صورت هئي. منجهس مقناطيسي ڇڪ هئي. اڄ به سندس تصوير اکين اڳيان ڦري رهي آهي.

پياري ڀيڻ شانتيءَ جو جنم ٢٥ اپريل سنه ١٩١٩ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڊاڪٽر هوتچند ماکيجاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو، پياري شانتيءَ جا پتا ڊاڪٽر هوتچند ۽ ماتا پهُنچ ٻائي ڌارمڪ پرورتيءَ وارا سنتوشي ڀڳت جن هئا. ٻالڪي شانتي نت نيم شري جپ صاحب جو پاٺ ڪندي هئي.

دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ حيدرآباد سنڌ ۾ پائي ايسرداس جي ٽڪاڻيءَ ۾ روز صبوح جو ستسنگ پروچن ڪندا هئا. ڪيترائي پائر ڀينر اچي دادا جن جي ستسنگ جو لاڀ پراپت ڪندا هئا. ٻالڪي شانتي پڻ پنهنجي ڀيڻ نيٽيءَ سان صبوح جو سويل ستسنگ ۾ اچي پياري دادا واسواڻيءَ جا مڌر وچن ٻڌندي هئي. ڏهن يارهن سالن جي ٻالڪي ستسنگ ۾ سانت ۾ ويهي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪمل مکڙي ڏانهن نهاريندي هئي. هڪ ڏينهن پوڇيه دادا واسواڻي هن کان پڇن ٿا، ٻالڪي! تون ڪيئن آهين؟ ٻالڪي شانتي مشڪندي دادا جن کي چوي ٿي اوهانجي ڪرپا سان خوش آهيان اوهان! جيڪر مونکي منهنجي نالي سان سڏيو. منهنجو نالو به سولو آهي. اوهان پنهنجي اُپديش ڪانپوءِ چوندا آهيو اوم شانتي! شانتي! شانتي ! مان شانتي آهيان، ان ڏينهن ڪانپوءِ ٻالڪي شانتيءَ جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ سان نينهن جو ناتو وڌندو ويو.

پياري دادا جشن واسواڻيءَ پياري ڀيڻ شانتي جو ذڪر ڪندي

نوري تن ڪيو جنم سڦلو پنهنجو،
هوريءَ کي اهڙو سبق سيکار.

هم آواز لفظ

(انتيا اُنراپس) :

نئون سال آيو شل نوان اُمنگ
اُتاري اندر ۾ چاڙهي نوان رنگ
جيئن ڪمائي سنتن جو نرمل سنگ،
وساري چڏيان سنسار جا سڀ ڍنگ.

اُمنگ، رنگ سنگ، ڍنگ
انتيا اُنرايس قافين جا مثال آهن.

ورتا سنگتي ۽ ورڻ مئتريءَ جو به پريوگ ٿيل آهي. دادي هري ديويءَ جي گيتن ۾ شانت رس ۽ ويوگ شرنگار رس آهن ۽ سماسن جو به استعمال ٿيل آهي. داديءَ هريءَ جو جيون پريرنا جو سرچشمو آهي.

هئي، هٿ ۾ تنبورو ۽ زبان سان ميران جو ڀڄن گنگنائيندي هئي.

ميري تو گرڌر گوپال دوسرا نہ ڪوئي

هوءَ ميران جو پارٽ پوريءَ ريت نڀائيندي هئي. هوءَ روشن دماغ هئي، پڙهڻ ۾ بہ پروين هوندي هئي. جوانيءَ ۾ ئي نماڻي نينهن واري شانتيءَ کي نينهن جو نشو چڙهيو. هن پنهنجي سمست جيون گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ سمرپت ڪئي. دادا جن جي سنگ ۾ هوءَ زنگجي لعلون لعل ٿي پيئي، سڀن کي پنهنجو پيار پيئاريندي هئي. هوءَ پريم ۽ ديا جو ساگر هئي. هوءَ پريم ۽ شرڌا سان مسڪينن محتاجن، پکين پسن جي خدمت ڪندي هئي.

دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ سان منهنجي پهرين پهچان پڻ ديدي شانتيءَ ڪرائي. منجهس مقناطيسي ڇڪ هئي. جڏهن بہ مان پياري دادا ساڌو واسواڻي ۽ پياري دادا جشن جو درشن ڪرڻ لاءِ پونا ويندو هوس تہ موڪلائڻ وقت ڪيڏي نہ پاٻوهہ مان پڇيندي هئي تہ وري ڪڏهن ايندا؟ سندس من ۾ ڪيڏي نہ سڪ هئي! هوءَ ڪيڏو نہ آدرياءُ ۽ پيار ڪندي هئي! هوءَ مذرياشي مشڪ واري شخصيت هئي. هوءَ پنهنجي سڀاجهي سڪ واري سياءُ سان پراون کي پنهنجو ڪري ڇڏيندي هئي. مون ڪڏهن بہ سندس منهن ۾ رنجش ڪين ڏٺي. اڄ ڏينهن تائين ميران پوميءَ ۾ ڪنهن بہ پيڻ پياري شانتيءَ جو خال نہ ڀريو آهي. پيڻ شانتيءَ سادي کاديءَ جي پوشاڪ پهريندي هئي هوءَ پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن آدرشن انوسار هلي. پيڻ شانتيءَ پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو. هوءَ ساکيات شانتيءَ جو روپ هئي ۽ ٻين کي بہ شانتي پردان ڪندي هئي. رات ڏينهن گرديو جي خدمت ڪرڻ لاءِ پياري شانتي هڪي حاضر هوندي هئي. پياري شانتيءَ جو پيارو دادا جشن بہ ڏاڍو خيال ڪندو هو. ١٦ جنوري سنہ ١٩٦٦ع ۾ هزارين دلين جو روحاني رهبر پيارو دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ پڌاريو . اِهو صدمو دادي شانتي سهي نہ سگهي، ڪيس بہ ٽي دفعا دل جي تڪليف ٿي. ١٥ مئيءَ سنہ ١٩٧٠ع ۾ ڀڳتياڻي نماڻي ديدي شانتيءَ جيون ليلا سماپت ڪري وڃي محبوب

ڇيو آهي عجيب پيار هو هن ٻالڪيءَ جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ
واسطي ۽ عجيب پيار هو پياري دادا جو هن ٻالڪيءَ واسطي! سندس
جنم جو نالو شانتي هوتچند ماڪيجاڻي هو. پياري دادا جي ديا درشٽيءَ
سان هوءَ دادا جن جي ششو سنتان ٿي پيئي، گرو جي آکھ جو ٻار ٿي
پوي ٿي. اسان سڀن ۾ اها هڪ هئي جنھنڪي اِهو پد پراپت ٿيو.
سندس نالو ئي ٿي پيو شانتي ئي ايل واسواڻي. پياري دادا سان سندس
ڪو پوروَ جنم جو ناتو هو. هن ڪيترا سال پياري دادا جي شيوا ۾
گذاريا. پريوءَ جي پياري هئي، يڳتياڻي هئي. مون سان هنجو گھاٽو
سنبنڌ هو. هوءَ پنھنجي من جا لڪل ويچار ٻہ منھنجي اڳيان اچي
ظاهر ڪندي هئي. ڪيس ڪنھن لاءِ ٻہ وير وروڌ ڪين هو. هوءَ هڪ هڪ
جو ڀلو چاهيندي هئي، سدائين ڀيئي مشڪندي هئي، هڪ هڪ کي
آسيس ڏيندي هئي. ڪوبہ وٽس ايندو هو تڪليف ۾ تنگي ۾ اُها تنگي
جيسين دور نہ ڪندي هئي، تيستائين هنکي آرام ڪين ايندو هو.
هوءَ همدرديءَ جي مورت هئي. پيارو دادا پڻ ڪيس ڪيترا ڀيرا امين
ڪري سڏيندو هو. وري وري دادا اسانکي ٻڌايو تہ شانتي اڳئين جنم
۾ منھنجي امين هئي. پياري شانتيءَ جي دل ۾ دکين دريدرن پکين
پسن لاءِ پيار هو، اُن پيار وچان اُنھن جي شيوا ڪندي هئي. هنجي دل
۾ هو دردمندا ڪا درد.

ٻال اوستا ۾ پياري شانتي هڪ ساهيڙيءَ جي گھر ۾ چانديءَ
جو ٺاڪر ڏٺو، سندس دل ٿي تہ اهڙو ٺاڪر وٽس بہ هجي. پريو هنجي
پريم ڀري پرارٿنا ٻڌي ٿو. هڪ ڏينھن جڏن ٻالڪي شانتي پنھنجي
اڱڻ جي دالان ۾ ويٺي آهي تہ هڪ ڪانءُ اُڏامندو اُڏامندو اُتي اچي
ٿو. اُن ڪانوَ پنھنجي چھنب کولي تہ سندس منھن مان هڪ چانديءَ
جو ٺاڪر ٻالڪي شانتيءَ جي اڳيان اچي ڪريو. شانتي ٺاڪر کي پراپت
ڪري ٿڙي پئي ۽ عجب ۾ پئجي ويئي تہ ڪيئن نہ پريوءَ سندس اڇا
پوري ڪئي! هوءَ روز اُن ٺاڪر کي اشنان ڪرائي اُن جي پوڄا ڪري،
اُن کي ڀوڳ لڳائي پوءِ پاڻ ڀوڄن ورتائيندي هئي.

پياري شانتي وديارٿي جيون ۾ منچ تي ميران جو پارٽ ڪٽندي

نياهيو آهي. سندس گيتن ۾ رس ۽ رواني آهي. سندس گيتن تي گرديو ساڌو واسواڻي جي گيتن جو اثر ظاهر ظهور آهي. مٺ مان خرار جي خبر پوندي آهي.

سان ملي.

پيڻ شانتيءَ کي پياري پريوءَ شاعراڻي دل ڏني هئي. هوءَ گرديو ساڌو واسوائيءَ جي ورهہ ۾ لکي لکي ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. سندس اُهي لڙڪ گيتن جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيندا هئا. پيڻ شانتيءَ جا اُهي سڪ سوز ڀريا گيت سڪ جا سڏڙا، پستڪ روپ ۾ پرڪاشت ٿيا. سندن گيتن ۾ درد ۽ ورهہ ويٺا آهہ، اندر جي اونهي اُڪير واري اُڇل آهي، هوءَ پياري دادا ڪانسواءِ پاڻ کي ڏهاڳڻ اياڻي محسوس ڪندي چوي ٿي :

روئي روئي راتيون راڻل سڪ ۾ گذاريان،
تنهنجي ياد ۾ دادل! پيئي واٽون نهاريان،
ڪڏهن ملندين راڻا، شانتي ٿيندي سهاڳڻ!

ڀڳتياڻي ميران جيان پياري شانتيءَ جي من ۾ پريما ڀڳتي هئي. جيئن ميران شيام سندر جي پريم ۽ ورهہ ۾ دلسوز گيت ڳايا آهن تيئن پياري شانتيءَ پياري دادا جي ورهہ ۾ وياڪل ويٺت ٿي اندر جا اُڌما آلاپيا آهن :

بنا ڪنت آهيان ويڳاڻي،
اکڙين ۾ اڄ آهي پاڻي!
اڄ آئي آهي بسنت،
پر آهہ ڪٿ منهنجو ڪنت؟

پياري شانتيءَ کي پياس هئي نام لاءِ. هن نام ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين چاهيو، هن چپن سان، سواسن سان نام ڳايو، نام ڌيايو، نام سان نينهن لڳايو.

ڪنت چڪر ۾ ٻاٽي اُڇاريان.
اِڪ نام بنا ٻيو ڪجهہ بہ نہ چاهيان،
انئي پهر اندر ۾ اُڪير اُٿاريان.
هري نام ڳائي، هردو مان ناريان.

دادي شانتيءَ جا گيت هڪ ورهي دل جي پڪار آهن. سندس گيتن ۾ سهج تجنيس حرفيءَ جو سٺو استعمال ٿيو آهي. قافين سان بہ

واسواڻيءَ جي ساهتيہ جو پرچار ڪندي هئي. هوءُ گرواڻي ۽ ٻين سنتن جي پستڪن جو اڀياس ڪندي پروين ٿي ويئي. هوءَ دادا جن جي ايترو تہ نڪٽ رهي جو سندن پريوار جو هڪ سدسيہ ٿي رهي. دادا واسواڻيءَ جي ويچارڌار جو پرچار ڪرڻ لاءِ شيام پترڪا شايع ڪئي وئي، ڀيڻ ستي ان پترڪا جي آجيون سمپادڪا ٿي رهي. هوءُ دادا جن جا وياکيان ٻڌي، اُهي نوٽ ڪري شيام پترڪا ۾ پرڪاشت ڪندي هئي. ڀيڻ ستيءَ جي سنڌي ٻولي سپڪ سرل هوندي هئي. سندس لکڻيءَ ۾ فصاحت هئي.

ڀيڻ ستيءَ پنهنجي نالي ۽ آکھ کي سارٿڪ ڪيو، هوءَ سيتلتا، سادگي، سيوا، سچائي سنيهہ جي صورت هئي. دادا جن جي تمام ويجهو هوندي ڪيس روحاني رنگ لڳو، ايڪانت ۾ ويهي نام جپيندي هئي، گ ررواڻي ۽ نوري ٻائي پڙهندي هئي. ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ بہ هوءَ دادل شاهہ جي ڪمل چرڻن ۾ پونا ۾ جيون سڦل ڪرڻ لڳي. دادي ستيءَ پنهنجي ڀيڻ لڇميءَ سان گڏجي، دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو جنمدن ملهائڻ جي شروعات ڪئي. سندن جنمدن تي پهرين جنمدن ڳوٺڙي پڻ دادي ستيءَ ئي ڀيٽ ڪئي. بروقت ئي پياري دادا چيو تہ ڳوٺڙيءَ ۾ ڀيل سايا شيوا ۾ سڦلي ڪيو. دادي ستي دادا جي جيون سنبنڌ ۾ درويش پستڪ جدا جدا ڀاڱن ۾ شايع ڪيو.

دادا ساڌو واسواڻيءَ سان سنيهہ سنبنڌ هئڻ سبب ئي ڀيڻ ستيءَ جي ڀائٽي ٻالڪي ڪرشنا ٽن چئن سالن جي عمر ۾ دادا جي گود ۾ اچي ويهندي هئي. دادا جن بہ ٻالڪي ڪرشنا کي ڪيڏو نہ پيار ڪندا هئا! هوءَ اسڪول ۾ پڙهندي، باقي وقت دادا وٽ اچي اُنهن جو پيار پيئيندي هئي. اڄ ڀيڻ ڪرشنا نہ صرف ساڌو واسواڻيءَ مشن جي مکيہ ڪاريہ ڪرتا پر ورڪنگ چيئرمن آهي پر سمرپت ڀاوَ سان دادا جشن جي شيوا ڪندي رهي ٿي.

ساڌو واسواڻيءَ جي برهملين ٿيڻ بعد ڀيڻ ستيءَ گونگا ڳوڙها ڳ ڙيا، سي ڪوتا جي روپ ۾ ظاهر ٿيا. ڀيڻ ستي ساڳي شرڌا ۽ پريم واري ڀاونا سان دادا جشن واسواڻيءَ جي پرگھور لهندي هئي، شيوا ڪندي هئي. هوءَ پاڻ شيام پترڪا جا گراهڪ ڪرڻ ۾ سنڪوچ ڪين ڪندي

دادي ستي ٽڏاڻي

سياڻي ستي ٽڏاڻي جنهنکي سنڌ جي مهان ويوتي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو سنگ ۽ سنيهہ پراپت ٿيو. جنهن تي سنت ستپرش نينهن ڀري نظر ڪن ٿا اُن کي نهال ڪري ڇڏين ٿا. دادي ستيءَ جو ذڪر ڪندي پوڄيہ دادا جشن لکيو آهہ تہ هوُ شيوا جي صورت هئي. ساڌو واسواڻيءَ جي هن ڪيڏي نہ شيوا ڪئي! نہ ڏسندي هئي رات نہ ڏسندي هئي ڏينهن اُپي ڪڙيءَ تي بيٺي هوندي هئي. ڪنهن وقت بہ دادا جو سڏ ٿئي. پيارو دادا سڏ ڪندو هو ستي تہ ستي هميشهہ حاضر اچي اڳيان بيهندي هئي. پياري دادا واسواڻيءَ جي دادي ستيءَ تي عجيب حجت هوندي هئي. ڪابہ شيوا ڪپندي هئي تہ ستي چوندي هئي مان حاضر آهيان.

پيڻ ستيءَ جو جنم ١٣ ڊسمبر ١٩١٣ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ شري ٻگومل ٽڏاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. شري ٻگومل پياري دادا واسواڻيءَ جو ڀڳت هو. هوُ نت نيم دادا جن جي ستسنگ ۾ ويندو هو. ٻالڪي ستي بہ پوڄيہ پتاجن سان دادا جن وٽ وڃڻ لڳي. هوُ دادا جن جو درشن ڪري ۽ مڌر وچن ٻڌي باغ بهار ٿيندي هئي. ڌيري ڌيري هوءَ پياري دادا واسواڻيءَ جي پريم جي ڏور ۾ ٻڌجي ويئي. دادا جن ڪيس وومين يونيورسٽي مان امتحان پاس ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪيو. هوُ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس پاڙهيندا بہ هئا. هوءَ سلڇڻي سڀاجهي ٻالڪا هئي. هن سارو جيون گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ ارپڻ ڪيو. دادا جن جي آگيا سان ئي هن سينٽ ميران سنڌي پرائمري اسڪول ۾ ماستري ڪندي وديارٿين ۾ شڀ سنسڪارن جا ٻج ڇٽيا. هن دادا جن جي سڌانتن سکيائين جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏني. هوُ دادا جن ۽ اُنهن جي شيوا ڪارين ۾ پيي حاضر هوندي هئي. هوءَ نہ صرف دادا جن جي پستڪن جو پاڙ ابياس ڪندي هئي پر گهر گهر ۾ وڃي دادا

English School UNR
Reference
LIBRARY

هئي. هوءَ پڇاڙيءَ جي پهر تائين شيام پترڪا دواران ساڌو ٽي ايل
واسوائيءَ، دادا جشن واسواڻي دادي هري ديوي واسواڻيءَ جو پيغام
پهچائيندي رهي. پيڻ ستي ڏاڍي پاوڪ هوندي هئي. جڏهن هوءَ دادل
شاهه کي پشانجلي يا شرڌانجلي ڏيندي هئي تہ دلين کي ڌوڏي ڇڏيندي
هئي.

پيڻ ستي ٨٠ سالن جي عمر ۾ ٢١ ميءَ سنہ ١٩٩٥ع ۾ سنساري
سفر سماپت ڪري سچڪنڊ پڌاري. مون هن سڀاڳ پيڻ مان پريرڻا پراپت
ڪئي ۽ سندس ساهتيہ جو اڀياس ڪيو.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جو تفصيلوار جيون چرتر دادل شاهه سنڌيءَ
۾ لکي وڏو وڙ ڪيو. هن دادل شاهه جي دربار جا پنج رتن پستڪ پڻ لکيو
سندس اِهي ٻئي امولیہ گرنٿ ڪيترن جي سونهپ ڪندا رهندا. پيڻ
ستيءَ کي پريوءَ ڪوي هرديہ ڏنو. اُن هرديہ جي جهلڪ سندس رچنائن
مان ملي ٿي. دادا واسواڻيءَ جوجيون چرتر سنڌي نثر ۾ لکندي هن
ڪٿي ڪٿي نظم بہ استعمال ڪيو آهي. دادل شاهه سان گڏ گذاريندي
ڪيتريون حقيقتون سهڻي انداز سان پيش ڪيون آهن. دادي ستي هڪ
سڦل سمپادڪا ۽ ليکڪا هئي.

پيڻ ستيءَ جو پيڻتي مذڪور تصنيفون سنڌي سنت ساهتيہ ۾
اِضافو آهن.

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي دربار جي پنجن رتنن مان دادا
نگارام ساجنداس ملاڻي ساڌو واسواڻي مشن جي چيئرمن پڻ انگريزيءَ ۾
داداجشن واسواڻيءَ جي جيوني لکي پرڪاشت ڪئي. اِهو پستڪ پريرڻا
جو سرچشمو آهي. سنڌيءَ ۾ بہ ڪيترا ليک لکيا جي اخبارن ۾ شايع ٿيا

پاءُ آتم واسواڻي سنت مالها جو سمپادن ڪندي هر مهني ساڌ
ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي ڪتاب جو عالماڻو مهاڳ لکندو هو. اُن مان سندس
علم ۽ اڀياس جي پروڙ پوي ٿي. کيس نکڻ جو ڏانوَ هو. پروفيسر ايشوري
تولاڻي پڻ دادل شاه مان پريرڻا پراپت ڪري ڪامل جون ڪهاڻيون لکيون

منهنجي پيڻتي ڪاويہ ٽي پڻ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ستگر
سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جو ڪاويہ جو اث
آهي.

987
068

دادا ٽي ايل واسواڻي ديال آشا کي
آسيس ڪري رهيا آهن ۽ پويان
دادا جشن واسواڻي پڻ آسيس
ڪري رهيا آهن

دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي جي جنم
ڏن موقعي تي ديال آشا کين جنمڏن سنبنڌ ۾
لکيل فريم ٿيل گيت پيش ڪري رهيو آهي.
پٺيان پيارو پائو جشن واسواڻي آسيس ڪري
رهيا آهن ۽ پاسي ۾ پڻ شانتي واسواڻي بيٺل آهي.

دادا جشن واسواڻي
پنهنجي پياري ديال آشا
کي ڀاڪرُ پائيندي

پيارو جشن واسواڻي
ديال آشا کي آسيس جي
شال پائيندي